
Late prof Abdul Haq Sario was one of my best friends, he was very meek, moderate, genial, gentle and genteel in his nature. He had admirable proclivity, rather avidity to be helpful for others in resolution of their problems and he did it practically. Sario was really lovelorn swain, his blank verses are illustration of it.
Jam Jamali




لڙڪن جي زبان
عبدالحق ساريو

# لُڙڪن جي زبان

## (شاعري)

## عبدالحق ساريو

### سرسوتي ساهت گهر_ڏوڪري

www.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا عام ڪجن ٿا

17

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | لڙڪن جي زبان |
| موضوع | : | شاعري |
| شاعر | : | عبدالحق ساريو |
| ڇاپو | : | پهريون |
| ڳاڻيٽو | : | هڪ هزار |
| سال | : | 15_فيبروري 2016ع |
| ڇپائيندڙ | : | سرسوتي ساهت گهر _ ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو |

مُلھ : 150 روپيہ

رابطي لاءِ:

عيسيٰ ميمڻ: 0333_7553879

(هي ڪتاب ادل سولنگي ۽ علي بخش پٺاڻ سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري پاران ڪراچي مان ڇپرائي لاڙڪاڻي مان پڌرو ڪيو)

www.sindhsalamat.com

## انتساب:



## شهيد پروفيسر علي ڏنو شر

جي نانءِ

جيڪو بيرحم گوليءَ جو

بيڏوهي نشانو بڻيو.

پورب ٿي مارياس، ڪنهن دَرِ ڏيان دانهڙي،
مَتيون ڏيندي لوڪ ڪي، ڇَري پاڻ ٿِياس،
جنهين نہ جيهاس، لَنئون لڳي تِن سين.
(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي)

**عبدالحق ساريو**



## سِٽاءُ :


| | | |
|---|---|---|
| ♦ پبلشر جي ڊيسڪ تان | ادارو | 05 |
| ♦ شاعر جو مختصر تعارف ۽ تصويرون | منير ايس سومرو | 06 |
| ♦ مهاڳ: "ساريي جي سارَ ۽ سندس لُڙڪن ڀِنل شاعري" | پروفيسر محمد علي پٺاڻ | 10 |
| ♦ منهنجو آئيڊيل: منهنجو بابا سائين | ڊاڪٽر امتياز ساريو | |
| ♦ عبدالحق ساريو: "وڇڙيو آهي وسريو ناهي" | عيسيٰ ميمڻ | |

**شاعري:**

| | |
|---|---|
| ♦ آزاد نظم | عبدالحق ساريو |
| ♦ Adieu | Jam Jamali |


www.sindhsalamat.com

# پبلشر جي ڊيسڪ تان

مهين جي دڙي جي زمين جيتري ثقافت جي ڏس ۾ سنڌ سميت سڄي دنيا جي امامت ڪري رهي آهي اوتري سائنس، ادب ۽ فنونِ لطيفہ ۾ پڻ مثالي رهي آهي. چاڪاڻ تہ سنڌو جي ڪپ تي (مهين جو دڙو) دنيا ۾ پهريون، پهريون ”ويد“ لکيا ويا، جيڪي اڄ بہ ادب جو شاهڪار آهن. دڙي جي کوٽائيءَ مان ان دؤر جي سائنسي ترقي، ڏاهپ ۽ فنِ مهارت جو جلوو پڻ پسي سگهجي ٿو. اڄ بہ پنج هزار سال قديم تهذيب جي آسپاس ۾ رهندڙ ماڻهن جي علم، ادب ۽ فنونِ لطيفہ جا رنگ نکريل نظر اچن ٿا. دڙي جي اولهہ ۾ ايشيا کنڊ جي ڏاهي ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻيءَ جو جنم پڻ پنج هزار عظيم تهذيب جو تسلسل نظر اچي ٿو. ڪامريڊ سومرو جنهن لاءِ بنگال جي قومي رهنما رابندر ناٿ ٽئگور ”Man from Moen Jo Daro“ جهڙا سونهرا لفظ ارپيا هئا. اڄ اهو ڪامريڊ سوڀو پڻ سنڌ جي زرخيز مِٽيءَ جو اهڃاڻ ”Symbol“ بڻجي ويو آهي.

انهيءَ ڪامريڊ سوڀي جڏهن سياست ۽ ادب جا ڏيئا ٻاري پنهنجو سفر شروع ڪيو هو ان وقت ڪنهن بہ نہ ٿي ڄاتو تہ سندس ڳوٺ ۾ هڪ تعليم ۽ ادب جو چراغ ٻري اٿندو جنهن کي عبدالحق ساريو جي نالي سان سڃاتو ويندو. عبدالحق ساريو جيڪو مزاجن سنڌ جي دراوڙي نسل جو ماڻيٺو، سلڇڻو ۽ پيار توڙي محبت جو پنڌار هو. ان جي اندر ۾ خوبصورت شاعر، خوبصورت خيالن ۽ سوچن جو پکي هميشہ پرواز ڪندو رهيو. سندس نفاست ۽ نرم مزاجيءَ سندس شاعريءَ ۾ پڻ جهلڪندي نظر اچي ٿي. عبدالحق ساريو جي آزاد نظمن جي هر سِٽَ هانءَ ۾ ڪُپي ٿي وڃي. ان جي خيالن کان متاثر ٿيڻ کان رهجي نہ ٿو سگهجي.

ان ڪري اسان اداري پاران اهو فيصلو ڪيوسين تہ عبدالحق ساريو جي شاعريءَ جو ڪتاب سندس پهرين ورسيءَ جي موقعي تي هر حال ۾ ڇپرائي، پنهنجو قومي فرض ادا ڪنداسين. اسان کي اهو بہ افسوس رهندو تہ هي ڪتاب سندس حياتيءَ ۾ نہ آڻي سگهياسين. اسان پنهنجي هر ڪوشش جيان هي بہ ڪوشش ۽ ڪاوش اوهان جي نظر ٿا ڪريون تہ اوهان اوهان اسان کي موٽ ڪهڙي ٿا ڏيو. اسان سمجهون ٿا تہ سائين عبدالحق ساريي جي شاعري سنڌي ادبي ۾ پنهنجي الڳ جڳهہ والاريندي. اسان کي خوشي آهي تہ اهڙي املهہ ماڻڪ جو پهريون ڪتاب شايع ڪرائڻ جو اعزاز اسان جي اداري کي حاصل ٿيو آهي.

وڌيڪ لاءِ اوهان جي موٽ جو اوسيئڙو رهندو.

ادارو

سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري
ضلعو لاڙڪاڻو.

15_ نومبر 2015ع



www.sindhsalamat.com

# عبدالحق ساريو جو مختصر تعارف



نالو : **عبدالحق ساريو**

ولد : فقير راڻو خان ساريو

جنم جي تاريخ : 9_ جولاءِ 1964ع

جنم جو هنڌ : ڳوٺ گلڻ واهڻ (ٻنڊي) تعلقو ڏوڪري.

وفات جي تاريخ : 15_فيبروري 2015ع

تعليم : ايم.اي اردو_1993ع
شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.
بي.ايڊ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد_
1995ع.

اولاد : 4 پٽ، 7_ نياڻيون

لکڻ جي شروعات : 1997ع کان باضابطہ لکڻ جي شروعات

لکڻ جو موضوع : شاعري، ڪهاڻي، مضمون، ڪالم

ڪرت : J.S.T 1993ع کان 1997ع تائين.
ليڪچرار (اردو) 1997ع کان 15_ فيبروري 2015ع تائين.

ڇپيل ڪتاب : سنڌي شاعري ”لڙڪن جي زبان“ 2016ع.
(اردو شاعري جو مجموعو ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي.)

**تنظيمي سرگرميون:**

- سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري سان 1997ع کان وفات تائين.
- جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ڪائونسلر مختلف وقتن تي.
- SPLA ۾ 1997ع کان ميمبر مرڻ گهڙيءَ تائين.
- ڳوٺ سڌار سنگت ڳوٺ ٻنڊي جو بنيادي ميمبر 2011ع کان.
- ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي لائبريري ٻنڊي جو بنيادي ميمبر.

## تعارف: منير ”ايس“ سومرو



www.sindhsalamat.com

# سائين عبدالحق ساريو:
# وڇڙيو آهي وسريو ناهي




هن ڪتاب "لڙڪن جي زبان" تي هي ٻه اکر ٻه اصل ۾ سائين عبدالحق سارئي کي ئي لکڻا هئا، پر ساڻس زندگيءَ وفا نہ ڪئي جو هي سندس جيئري ئي پورهيي جي ساپيان ڏسي نہ سگهيو. موت وحشي عقاب پکيءَ وانگر زندگيءَ تي هر وقت لامارا ڏيندو ٿو رهي، خبر ناهي ڪير ۽ ڪڏهن هن جي وحشي چنبن جي ور چڙهي، هزار خطرن هوندي بہ زندگيءَ جو سفر جاري رهڻو آهي ۽ جاري رهيو آهي. موت زندگيءَ کي شڪست ڏئي بہ نہ ٿو سگهي. ڇاڪاڻ تہ حضرت انسان زنده رهڻ لاءِ ڪيترائي جواز پيدا ڪري ورتا آهن. "تخليق" ۽ "ڪردار" بہ خود موت کي شڪست ڏيڻ لاءِ انسان جي پيداوار آهن. انسان مري وڃي ٿو پر سندس تخليق ۽ ڪردار ڪيس هميشہ امر بڻائن ٿا. سائين عبدالحق سارئي تخليق ۽ ڪردار جي ذريعي سماج ۾ پنهنجو الڳ مقام ٺاهي ورتو آهي. اهو مقام ڪڏهن بہ موت کان شڪست نہ ٿو کائي سگهي.

هي حساس دل جو مالڪ هو. هن وٽ هر انسان جو مرتبو اعليٰ درجي جو هو. هن وٽ ڪنهن ذات پات، مذهب، نسل ۽ دولت جي بجاءِ هڪ محبت جو پوتر جذبو هو. جنهن انسانن سان محبت جا ڪيترائي مثال قائم ڪري ڇڏيا هئا. هو جڏهن پنهنجو اظهار لفظن سان نہ ڪري سگهندو هو تڏهن قلم ۽ لڙڪن جي زبان هن جي اظهار جو وڌيڪ بهتر ۽ مؤثر ذريعو هئا. هو فطرت، سماج ۽ حضرت انسان جي پوڄا جي حد تائين احترام رکندو هو. هن کي ان سماج جي منافقتن ۽ روين ان حد تائين ايذايو هو جو هن مذهب ۾ پناهہ ورتي هئي نہ تہ هي روشن خيال ماڻهو هو. جنهن جي شعور توڙي عمل ۾ ڪامريڊ سوڀي جا اثر هئا پر جڏهن انسان سماج سان وڙهڻ جو ست ساري نہ سگهندو آهي تڏهن اهو گهٽي قدر ڪنهن نشي يا مذهب ۾ ئي پناهہ وٺندو آهي. هن مذهب ۽ نشي ۾ پناهہ ورتي هئي، تنهن باوجود بہ هن پاڻ کي ڪڏهن پرسڪون نہ بڻائي سگهيو هو!!



هي جيڪو سماج جي خوبصورت اڏاوت لاءِ هميشہ ڪوشان رهيو. هن ڪڏهن پنهنجي تر ۾ علم جون ڏياتيون روشن ڪيون تہ ڪڏهن لائبريري قائم ڪري سماج کي ٻين برائين کان بچائي، روشن راهہ ڏسڻ لاءِ متحرڪ رهيو. هن جي اندر ۾ سدائين هڪ تڙپ رهي. جيڪا تڙپ هن کي سدائين عمل ۾ رکڻ لاءِ تڙپائيندي رهي هئي. هن جڏهن پنهنجي اظهار لاءِ قلم جو سهارو ورتو هو تڏهن سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪريءَ ۾ پنهنجو ادبي نڪاڻو قائم ڪيو هئائين. جيتوڻيڪ اُتي بہ هن کي روين جو شڪار بڻجڻو پيو هو تڏهن بہ هن ڪنهن کي ميار ڏيڻ بجاءِ ڳُنڍاڻو ٽيڻ کي پسند ڪيو هو.

هن کي شاعريءَ جا پلي گُر نہ ايندا هجن پر پوءِ بہ هن جي شاعري ۾ اظهار جو زبردست ڏانءُ آهي. جيتوڻيڪ اسان جا ڪجهہ ڏاها "آزاد نظم" کي شاعري ئي نہ ٿا سمجهن پر شايد انهن بي سمجهہ سمجهوڻن کي ڄاڻ ناهي تہ جڏهن شاعر وٽ اظهار ڪرڻ لاءِ زبردست خيال موجود هجن تہ اهو اظهار ڪنهن حدبندين جو محتاج ناهي هوندو. ٽي ايس. ايلٽ کان وٺي رابندر ناٿ ٽئگور، توڙي شيخ اياز کان عبدالحق سارئي تائين آزاد نظم ۾ هنن زبردست اظهار ڪيو آهي.

سائين عبدالحق ساريو جڏهن هو هاڻ اسان جي وچ ۾ موجود نہ آهي تڏهن بہ سندس يادون، تخليق ۽ ڪردار اسان جي وچ ۾ موجود آهن. هي ڪتاب اسان جو ساڻس محبت جو هڪ اظهار بہ آهي تہ اسان جو فرض بہ آهي. هن ڪتاب کي آڻڻ ۾ سائين عبدالحق سارئي جي لائق فرزند ڊاڪٽر امتياز سارئي جو خاص ڪردار آهي. ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ سنڌ جي نامياري شاعر، اديب ۽ ڪهاڻيڪار سائين محمد علي پٺاڻ جا لک احسان آهن جنهن اسان جي حجت کي ماڻُ ڏيندي ۽ جلد کان جلد مهاڳ لکي ڏنو حقيقت ۾ سندس مهاڳ ڪتاب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. ٻه اکر لکي ڏيڻ لاءِ پروفيسر ڄام جمالي جا بہ ٿورا جنهن پنهنجي دوست کي لفظن جي صورت ۾ پيٽا ڏني آهي. اميد اٿئون تہ هي ننڍڙي ڪاوش ئي سهي، اوهان وٽ گهربل ماڻُ ضروري ماڻيندي.

**(لاڙڪاڻو 5۔ نومبر 2015ع)**

# منهنجو آئيڊيل (Ideal): ”منهنجو بابا سائين“

سنڌ جي قديم تهذيبِ يافته مُهين جي دڙي ويجهو ڳوٺ گلڻ واهڻ (ڀِنڊي) ۾ 9- جولاءِ 1964ع تي جنم وٺندڙ پروفيسر عبدالحق ساريو هڪ پورهيت، راڻي



ڊاڪٽر امتياز ساريو

خان جو پٽ هو. جنهن جي امڙ ٻنهي پيرن کان معذور هئي، امڙ جي پيرن جون کُڙيون ته زمين کي سڄي عمر ڇُهي نه سگهيون هيون پر هن جي همت آسمان کي ڇهي ڏيکاريو هو. اُها پنهنجي پٽ کي روز تيار ڪري ناشتو ڪرائي اسڪول موڪليندي هئي. پروفيسر عبدالحق ساريو پنهنجي ابتدائي تعليم ڳوٺ گلڻ واهڻ جي سرڪاري اسڪول مان حاصل ڪئي هئي. پنهنجي انگريزي تعليم مُهين جي دڙي جي سرڪاري اسڪول مان حاصل ڪئي. اُن کانپوءِ يارهين ۽ ٻارهين جي تعليم لاڙڪاڻي جي ڊگري ڪاليج مان حاصل ڪئي، جنهن کانپوءِ پنهنجي بيچلر (B.A) جي ڊگري شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪئي. 1989ع ۾ مسجد (Mosque) اسڪول ڳوٺ ڀهڻ تعلقه ڏوڪري ۾ ٽيچر تي خدمتون سرانجام ڏيڻ شروع ڪيون. 1993ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول باڊهه ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر (J.S.T) طور تعليمي خدمتون ڏنائين. 1997ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ اردو ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنائين.

بابا سائين، هڪ انسان دوست ماڻهو هيو. ننڍن سان پيار ڪندڙ ۽ وڏن سان عزت ۽ احترام سان پيش ايندو هو. ڪيترن ئي غريب ۽ بي پهچ شاگردن جي مدد ڪري اُنهن کي منزل تائين پڻ پهچايائين.

ڳوٺ جا اڪثر ماڻهو پنهنجا دفتري، تعليمي، صحت ۽ سماجي مسئلا بابا سائينءَ سان شيئر ڪندا هيا ۽ هو اُنهن جي هر ممڪن مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. نه ڏينهن ڏسندو هو ۽ نه وري رات. جيئن لطيف سائينءَ جي چوڻي آهي ته ”تَتيءَ ٿَڌيءَ ڪاهِه، ڪانهي ويلَ ويهَڻَ جي.“ ڳوٺ ۾ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جي نالي سان هڪ لائبريري پڻ قائم ڪيائين ۽ ڊيوٽي کان بعد گهر ۾ شام جي وقت ڳوٺ جي ٻارن کي مفت تعليم ڏيندا هئا ۽ ڪين ڪتاب ۽ قلم سان تمام گهڻو پيار هوندو هو. آزاد نظمن جو شاهڪار هو ڪالم، ڪهاڻيون ۽ شاعري جو شوق ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ مرحوم پروفيسر عبدالرزاق مهرجيڪو پڻ وڏو ڪهاڻيڪار ۽ اديب هو جي صحبت ۾ پيدا ٿيس.



www.sindhsalamat.com

اُن پنهنجي اولاد ۽ پرپاسي جي سيني ڳوٺ جي ماڻهن کي بهترين تعليمي ماحول مهيا ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي نوجوان ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ آفيسر ٿيا.

بابا سائين، ”ساريو ڪميونٽي“ جي تعليمي يافته ماڻهن سان گڏجي ڪري هڪ تنظيم ”ساريو ويلفيئر آرگنائيزيشن“ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. اُن آرگنائيزيشن جو مقصد غريب، پورهيت، مزدور ۽ هارين جي تعليمي، سماجي، سياسي ۽ صحت جي شعبن ۾ مدد ڪرڻ هو.

بابا سائين تمام گهڻو مهمان نواز هو. دوستن سان تمام گهڻو پيار ڪندو هو. جڏهن به ڪو لاچار يا مجبور ماڻهو وٽس ايندو هيو ته پنهنجي ضرورتن کي محدود رکي ڪري به اُن جي مالي مدد پڻ ڪندو هو. بابا جي خواهش هئي ته پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي تخليق کي ڪتابي شڪل ڏئي سگهي، پر پنهنجي سموري پگهار پنهنجي اولاد، غريب، مزدورن ۽ لاچارن جي جائز مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا هئا، جنهن ڪري سندس اها خواهش اڌوري رهجي ويئي.

بابا جو چوڻ هو ته پنهنجي لاءِ ته هر ڪو جيئندو آهي، پر ٻين لاءِ جيڪو جيئندو اُهو ئي حقيقي انسان آهي. منهنجو خواب آهي ته بابا جي نقشِ قدم تي هلندي اُن جي رٿيل ۽ سوچيل ڪمن کي پنهنجي منزل تائين رسايان.

بابا سائين جو هي ڪتاب ”لڙڪن جي زبان“ جي نالي سان جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، هن ڪتاب متعلق بابا سائين کي هميشه اُڻ تڻ هوندي هئي ۽ سندن دلي خواهش هئي ته هي ڪتاب سندس جيئري ئي ڇپجي، پر نه زندگيءَ ڪيس مناسب وقت ڏنو ۽ نه ئي وري مهلت ڏني. افسوس جو اِن جي جيئري هي ڪتاب اچي نه سگهيو. بابا جي وفات بعد اسان جي ڀاءُ عيسيٰ ميمڻ جي ڪوشش سان هي ڪتاب ”لڙڪن جي زبان“ اوهان تائين پهتو آهي. جيڪڏهن عيسيٰ ميمڻ هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي سمورن ڪمن ۾ دلچسپي نه وٺي ها ته هوند بابا جو هي پورهيو ضايع ٿي وڃي ها. آءٌ تهدل سان عيسيٰ ميمڻ سميت سيني دوستن جو شڪرگذار آهيان جن هن ڪتاب کي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ سهڪار ڪيو.

**ڊاڪٽر امتياز ساريو**

ڳوٺ گلڻ واهڻ (ڀِنڊي)
تعلقو ڏوڪري.
30- آڪٽوبر 2015ع



www.sindhsalamat.com

# مهاڳ

## ساريي جي سارَ ۾ سندس
## لـُڙڪن ڀنل شاعري




ڏنڊلو ڏنڊلو ياد ٿو پوي 1980 ع جي ڍاڪي جو شروعاتي زمانو جڏهن مشهور اديب, صحافي ۽ نقاد هدايت منگيءَ جي ننيڙي ڳوٺ بگيءَ ۾ سندس ننڍي ڀاءُ, شاعر ۽ سوشل ورڪ ۾ اڻ ڳڻيون خدمتون انجام ڏيندڙ پنهنجي ويجهي دوست حاڪم منگيءَ پاران ڳوٺ ۾ قائم ڪيل سنڌي ادبي سنگت جي دستوري تونڙي خاص گڏجاڻين ۾ وڃڻ ٿيندو هو ته اتي ماڻهن جي ميڙاڪي ۾ معصوم صورت وارو عمر ۾ مونکان ڪجھ ننڍو, ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ جي ڳوٺ بنديءَ لڳ ڳلڻ واهڻ ڳوٺ جو رهاڪو عبدالحق ساريو اڪثر وينل نظر ايندو هو.

هو ادبي ڪلاسن ۾ تنقيدن لاءِ پيش ڪيل لکڻين تي سدائين لڄارو ٿيندي "سني آ" يا "سنو آ" جهڙو مختصر جواب ڏيڻ کان ته تڙ به اڳتي نه وڌندو هو پر پوءِ جڏهن چانهه جو يا بي ضابطه ڪچهريءَ جو دور هلندو هو ته به پنهنجي هاڻي ڪانيءَ ۾ سنهڙو ۽ سانورڙو مچن جي ريکَ وارو هي چوڪرو "هان", "هون" ڪان وڌيڪ ڪجھ به ڳالهائي نه سگهندو هو.

گهڻا گهڻا سال پوءِ جڏهن مان ليڪچرار بڻيس ۽ سڪرنڊ, دادو ۽ رتو ديرو جي ڪاليجن ۾ پنهنجا فرائض انجام ڏئي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج, لاڙڪاڻي ۾ پهتس ته اتي اڳواٽ موجود سنڌيءَ جي ليڪچرار, پنهنجي جگري دوست, سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار رزاق مهر سان گڏ "سنڌي ڊپارٽمينٽ" بجاءِ اردوءَ جي اڪيلي ليڪچرار منظور قريشيءَ جي "اردو ڊپارٽمينٽ" کي بينڪ ٻڌائي وينس.

ائين ڪجھ سال منظور قريشيءَ جهڙي انتهائي ڪلمڪ شخص جي سنگ ۾ ساٿ ۾ گذريا ته هڪ ڏينهن هو جوانيءَ ۾ ئي دل جي دوري سبب اجل جي



راهه وٺي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو!

۽ منظور قريشيءَ جي لاڏاڻي کي ڪو گهڻو عرصو نه گذريو ته ان جي خالي جاءِ تي عبدالحق ساريو اردوءَ جي ليڪچرار جو آرڊر کڻي پهتو.

انوقت مونکي حيرانگيءَ سان گڏ گهڻي خوشي انڪري به ٿي ته نجُ ٻهراڙيءَ سان واسطو رکڻ جي باوجود عبدالحق ساريي اردوءَ ۾ نه رڳو ايم اي پاس ڪئي هئي, پر پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان به ڪواليفاءِ ڪيو هئائين.

هاڻي هو اسانجو نه صرف ڪليگ ٿي ويو پر هوريان هوريان دوستيءَ جي دائري ۾ به داخل ٿي ويو.

پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو هن سان گڏ حاڪم منگي به آيو. جنهن مونکي پاسي تي وٺي وڃي چيو"پائو هي عبدالحق ساريو ڏاڍو لڄارو آهي. ڪيس شعروشاعريءَ سان بيحد چاهه آهي ۽ پاڻ ڪجھ آزاد نظم لکڻ جي ڪوشش به ڪئي اٿائين. جيڪي چاهي ٿو ته توهان جي توسط سان ڪٿي شايع ٿين. انڪري مان هي سندس پارت لاءِ ئي خاص سيڙجي آيو آهيان." مون حاڪم کي چيو"اسانجو ته ڪم ئي ڏيئي مان ڏيئو ٻارڻ آهي. سو تون بي فڪر ٿي وڃ."

ان بعد مون باضابطه طور عبدالحق ساريي جا "آزاد نظم" پڙهڻ شروع ڪيا ۽ ڪٿي ڪٿي اصلاح جي ضرورت محسوس ٿي ته سندس رضامنديءَ سان اها به ڪيم. جنهن سان گڏ مختلف ادبي رسالن, ڪتابن ۽ اخبارن ۾ هن جي شاعري به موڪلڻ شروع ڪيم. جيڪا جيئن جيئن شايع ٿيندي وئي, ته عبدالحق ۾ لکڻ جو جوش ۽ جنون تيئن تيئن وڌندو ويو.

سال سوا جي ان سرگرميءَ ڪانپوءِ مون عبدالحق ساريي کي وزن بحر سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي, پر سدائين ناڪامي انڪري نصيب ٿي, جو هن جو ان ۾ پئسي جيترو به سڪڻ جو جذبو پيدا ٿي نه سگهيو.

۽ جڏهن مون اهو ڏٺو ته پوءِ ڪيس رڳو ئي "آزاد نظم" لکڻ جو چيم. جنهن تي عمل ڪندي هن ڪيترائي ڪاغذ ڪارا ڪري ڇڏيا.

عبدالحق ساريي جو لکڻ جو هي سلسلو اڳتي هلي مضمون نگاري, ڪتابن تي تبصرا, خاڪن ۽ ڪهاڻيءَ پاسي به وڌيو ۽ هن ان ڏس ۾ ايترو گهڻو لکيو جو اهو سهيڙجي ته پنج ست ڪتاب جُڙي سگهن ٿا.

"لڙڪن جي زبان" نالي وارو هي ڪتاب, جنهن ۾ عبدالحق ساريي جا

رڳو ئي ”آزاد نظم“ شامل آهن ۽ جيڪو هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي سهيڙي ڇپائڻ لاءِ ”سرسوتي“ ساهت گهر ڏوڪري جي روح روان عيسيٰ ميمڻ جي حوالي ڪيو هو. جڏهن مهاڳ لکڻ لاءِ منهنجي ٽيبل تي آيو ته هو جڻ پاڻ منهنجي اڳيان اچي ويهي رهيو.

۽ اهڙي مهل ۾ منهنجي ڪيفيت ”لڙڪ نه لکڻ ڏين، ڪريو پون قلم تي“ واري ٿي وئي. مان هن جي ڪُمهلي لاڏاڻي تي دل ئي دل ۾ هڪ ڀيرو ڀيهر پنجي پُري ڀيس ۽ سالن جي رفاقت جا ڪيترائي واقعا ۽ يادگيريون ڏک جا ڪارونيار ڪڪر بڻجي ذهن جي ڪنڌ ڪڙڇ تي ڇانئجي ويا...“

اڙي، هي هاٽي ته هٿِ وينو هو. ڪلٽو ملٽو. ڪيڏا نه ڀوڳ چرچا ٿي ڪيائين. ڪلاس ونڻ لاءِ تڙ تڪڙ ۾ ڪتاب ڪٽي ڏسو ته، تيز تيز وکون ڪٽندو، ذري گهٽ ڊوڙندو پئي ويو.

۽ هيءَ بورڊ توڙي امتحانن واري موسم ”عبدالحق ادا، منهنجو پٽ...“ ڪو ڪليگ چوندس. ”حاضر سائين، فڪر نه ڪريو...“ ”عبدالحق پيارا، هي منهنجو ڀاءُ...“ ڪو واقفڪار يا دوست سنگتي منٿ ڪندس. ”پرواهه نه ڪر...“

ائين ڪنهن به غرض ۽ لالچ کانسواءِ سڀ سان نڀائڻ وارو. انڪري هن جي دوستن جو حلقو تمام گهڻو وسيع. جتان به گذرندو. هرڪو پيو ”سائين..سائين..“ چوندس. ٻانهن ۾ هٿ وجهي چانهه يا ٿڌو ضرور پيئارڻ کان اڳ ۾ وڃڻ نه ڏيندس.

ايڏي عزت ۽ مانُ ماڻيندڙ عبدالحق، جنهن جي چهري تي سدائين خوشگواري پئي جهمريون پائيندي هئي، سو نامعلوم سبب جي ڪري اداس اداس رهڻ لڳو. ته ٿاري ٿاري، هڪ ڏينهن ٿاري نه سگهيس ۽ پڇي وينو مانس، ”عبدالحق، توکي ٿيو ڇا آهي، جو هيئن غمگين، غمگين رهڻ لڳو آن؟“

اکيون ڪٽي مونڏانهن ڏٺائين ته ٻه ڳوڙها اکين جا بند پڃي ڳلن تي لهي آيس.

”اڙي، تون روئين ٿو ڇريا.“

مان سندس ڇهري کي پنهنجي ڀاڪر ۾ وٺي ڇڏيو ۽ هو سڏڪن ۾ ٻڏي ويو.

گهڻي دير کانپوءِ جڏهن ڪيس پرچائڻ ۾ ڪامياب ٿيس ته روئڻ جو ڪارڻ پڇيومانس. پر هزارين ڪوشش باوجود ڪجهه نه ٻڌايائين.



www.sindhsalamat.com

پوءِ ان سُٽ کي سلجهائڻ لاءِ سندس ويجهي دوست ۽ رازدار پروفيسر عبدالودود ميمڻ کان پڇيم ته هميشه وانگر کلندي اهو به ڪجهه ٻڌائڻ کان لنوائي ويو.

عبدالحق جي ان اداسيءَ واري حالت پوءِ اتي دنگ نه ڪيو ۽ وڌندي وڌندي اهڙي هنڌ پهچي وئي، جو هن جي ويجها رهندڙ سڀ ماڻهو حيران پريشان ٿي ويا.

هاٽي هو ڪاليج مان گهٽيون موڪلون ڪرڻ ۽ ماڻهن جي گهماگهميءَ کان پري ۽ پاسائتو رهڻ لڳو. پنهنجي مُنهن سان روئڻ ماڻهن کان لڪائي ڳوڙها اگهڻ هن جو معمول ٿي ويو.

انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ نما شام جو فون ڪري چيائين،”سائين، صبحاڻي پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪجهه دوستن جي دعوت جو بندوبست ڪيو اٿم. سو اوهان طالب حسين چني (جيڪو منهنجو ۽ عبدالحق جو گڏيل ۽ ويجهو دوست آهي) سان گڏ لازمي اچجو.“

۽ دعوت ۾ جو ويس ته ڇا ڏٺم، اندازن سَوَ کان مٿي ماڻهو مدعو ڪيل، جن سائين پڇل شاهه عرف پير متاري جهڙو ٻاجهارو شخص به شامل، (جنهن سان پهريون دفعو ميل ميلاپ ته اتي ٿيو پر بعد ۾ دوستيءَ جو ناتو اجان گهڻو گهاٽو ۽ گهرو ٿيندو رهيو آهي) ته پروفيسر منير احمد پتو به پنهنجي ٽولي سميت موجود، جن ۾ جام جمالي، عبدالودود ميمڻ ۽ عبدالواحد ميمڻ سميت ڪجهه ٻيا ليڪچرار به شامل، ان کانسواءِ ايڊووڪيٽ عبدالنبي ساريو، حاڪم منگي، ڊاڪٽر عبدالرشيد ابڙو ۽ ٻيا ڪيترائي ٿَرَ راج جا پڙهيل لکيل توڙي اڻ پڙهيل معتبر ماڻهو به هڪيا تڪيا حاضر هئا.

دعوت جي شروعات ۾ عبدالحق جي گهر مان مختلف ٿانون ۾ پڪل طعام سندس پٽ ڊاڪٽر امتياز، ڀاءُ عبدالرزاق ۽ ٻين پٽن جي هٿان جيئن جيئن پهچندا ويا، ته ڏسندي حيرت جو مانداڻ مَن کي وڪوڙي ويو. تڏهن رڙ ڪري اتي ئي عبدالحق کي چيم، ”يار، هي ته شاهي دعوت ٿي وئي.“

کلندي وراڻيائين،”اوهان سميت هي دوست به ته قيمتي آهن. سو دل ته اجا به گهڻو ڪجهه ڪرڻ پئي گهريو. پر جيڪو حال حَبيبان، سو پيش پريان.“

اندازن لک رپين کان مٿي خرچ واريون اهڙيون ڪجهه ٻيون به دعوتون



www.sindhsalamat.com

عبدالحق پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪيون. جن ۾ مون سميت لڳ ڀڳ ساڳين ئي ماڻهن شرڪت ڪئي.

دعوتن وارن انهن ڏهاڙن ۾ منهنجي محبوب دوست انور پيرزادي جي طفيل اسان جي سنگ ۾ ساٿ ۾ آيل دوست ۽ لاڪيٽي لطيف جي ڀِٽ جا رهواسي برادي قمبراڻي ۽ الهه رکيو ملاح منهنجا مهمان ٿي آيا ۽ مهين جو دڙو گهمڻ دوران عبدالحق سان جو مليا تہ هو ڪين زوريءَ مون ۽ طالب حسين چني سميت پنهنجي ڳوٺ وٺي هليو ۽ اهڙي خاطر تواضح ڪيائين، جيڪا ياد ڪري برادي ۽ ملاح جڏهن ملندا آهن تہ عبدالحق جون ساراهون ڪندي نہ ڍاپندا آهن...

انهن جي سِڪ ۽ حُب ۾ هڪ ڏينهن مونکي ۽ طالب کي فون ڪري چيائين، ”ڀٽائي سرڪار جي صبحاڻي واري جنم ڏينهن تي ڀٽ شاهہ هلڻو آهي.“

اسين سندس ان حڪم نما حُجت کي ٽاري نہ سگهياسون ۽ ويگن رستي خيرپور واري پل جو دڳ وٺي ڀٽ شاهہ لاءِ نڪري پياسون.

هي عبدالحق سان منهنجي حياتيءَ جو پهريون ۽ آخري سفر هو.

اسان موري پهتاسين تہ اوچتو الهہ رکيو ملاح منهنجي سيل فون تي چيو ”سائين برادي صاحب ۽ مون اوهان جي آمد جو انتظار پئي ڪيو تہ اچانڪ برادي صاحب کي دل جو دورو پئجي ويو آهي ۽ مان کيس کڻايون حيدرآباد جي راجپوتانہ اسپتال پيو وڃان.“

الهہ رکيي جي ان حادثاتي اطلاع اسان ٽنهي کي پريشان ڪري ڇڏيو ۽ اسان پنهنجي سفر جو رخ الهہ رکيي جي گهڻوئي چوڻ جي باوجود ڀٽ شاهہ بجاءِ حيدرآباد ڏانهن ڪري ڇڏيو.

راجپوتانہ اسپتال ۾ برادي قمبراڻيءَ سان ملي منهنجي اکين مان لڙڪن جون لڙهون اجان نهڻ مس لڳيون تہ عبدالحق صفا هٿن مان نڪري ويو ۽ کيس ٻار وانگر پرچائڻ ۾ طالب ۽ مونکي ڪيترو ئي وقت لڳي ويو.

اها رات اسان برادي صاحب سان ئي راجپوتانہ اسپتال ۾ گذارڻ پئي چاهي، پر براديءَ سامت ۾ اچڻ ڪانپوءِ چيو، ”اوهان واپس وڃو ۽ مان ٺيڪ ٿيان تہ پوءِ ڀٽ ڌڻيءَ جي چانوَ ۾ ئي ڪچهريون ڪبيون.“

ساڳي رات اسان پوءِ سيوهڻ شريف آياسون. جتي قلندر شهباز جي درگاهہ تي هڪ فقير عبدلحق آڏو هٿ ٽنگيو تہ هن کيسي ۾ هٿ وجهي هزار رپين جو نوٽ ان جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو.





عبدالحق جي اهڙي درويشي ۽ فقيريءَ واري انتهائي حساس ۽ انسان دوست طبيعت جا ٻہ مثال ٻيا بہ منهنجي ذهن ۾ محفوظ ٿيل آهن. جن مان هڪ رزاق مهر جو لاڏاڻو ۽ ٻيو علي ڏني شر جي شهادت. (جنهن کي هي ڪتاب منسوب ڪيو اٿائين)

وڏي عرصي تائين عبدالحق انهن ٻن شخصن کي سارينديءَ روئي روئي راهہَ پاڻين جا پريندو رهيو.

حياتيءَ جي بعد واري سفر ۾ بہ عبدالحق انهن مان رڳو ڪنهن جو نالو ئي ٻڌندو هو تہ اوٻاڪين پئجي ويندو هو.

ڪاليج جي نوڪريءَ واري سڄي دور ۾ سواءِ بيماريءَ وارن ڏينهن جي، عبدالحق ڪڏهن بہ ڪو ڪلاس مِس نہ ٿو ڪيو. سياري توڙي سانوڻ صبح جو سوير ئي پنهنجي ڳوٺ مان نڪري ڪنهن نہ ڪنهن سواريءَ تي ڏوڪريءَ لڳ چنا پل تي پهچندو هو. جتان ڪڏهن ويگن، تہ ڪڏهن ڪوسٽر يا بس ۾ چڙهي ڪاليج ۾، ڪاليج ٽائيم کان بہ اڳ داخل ٿي ويندو هو.

۽ هن جي بيماري وري ڪهڙي؟ يعني شگر يا ذابيطس نہ؟ بس، اها اهڙو تہ هن ذهن تي حاوي ٿي وئي، جو هو ڀٽائي سائينءَ جي هن بيت،

**اڳي ايئن هُياس، جهوڳڪ، جهوڙا، ڪتيين،**
**هاڻي ايئن ٿِياس، سانجهيئڙي جيئن سُپرين**

جي هوبهو تصوير بڻجي پنهنجي ذات تائين محدود ٿي ويو. محفلون، ادبي سنگتون، ماڻهن جا ميڙاڪا هن کي ڀانءِ نہ پئي پيا. هو انهن جي وچ ۾ پنهنجو ساهہُ منجهندو محسوس ڪندو هو . تڏهن ئي ڳوٺ ۾ يعني گهر جي اڪيلي ڪمري ۾ ئي رهڻ کي ترجيح ڏنائين ۽ آخري دم تائين ماڻهن جي ميلن ۾ هن جي واپسي ممڪن نہ ٿي سگهي.

انهن ڏينهن ۾ طالب ۽ مان زورو ڪري هن سان ملڻ ويندا هئاسين تہ اسانجا نالا ٻڌي مجبور ٿي ٻاهر نڪري ايندو هو. نہ تہ ٻيو ڪير بہ خاني خان در تي ايندو هوس تہ پاڻ کي ڪٽ تان نہ اٿڻ جهڙو ڄاڻائي، ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو هو.

عبدالحق جي يادگيرين جا اهي سلسلا سمنڊ جي لهرن وانگر بي انت آهن. جيڪي جيڪڏهن گوڏو ڀڃي لکڻ ويهجن تہ چڱو خاصو ضخيم ڪتاب وجود ۾ اچي سگهي ٿو. پر هِتي جيئن تہ مونکي هن جي شاعريءَ جي ڪتاب

بابت پنهنجا رايا پيش ڪرڻا آهن. انڪري سوچ جورخ ڪتاب طرف موڙيان ٿو ۽ اکيون هن جي " موت " عنوان واري پهرين آزاد نظم تي ڄمي وڃن ٿيون. جنهن ۾ عبدالحق چيو آهي ته.

**توڙي جو مان،**
**موت کان،**
**ڏاڍو ڊڄندو آهيان،**
**ليڪن،**
**جڏهن تون،**
**وڇڙڻ جو ڳالهيون**
**ڪندي آهين،**
**تڏهن مونکي موت ئي،**
**نجات جو**
**اڪيلو ذريعو**
**سمجهه ۾ ايندو آهي...**

۽ ان سان لاڳيتو ٻيو نظم "جوڪ"۽ "ڪبير گناهه" پڙهان ٿو ته عبدالحق پنهنجي "لڙڪن جي زبان" سان پنهنجي اندر جا بنهين ڳجها راز سليندي نظر اچي ٿو ۽ اهو سيڪجهه ٻڌائي ڇڏي ٿو جيڪو اسان ۽ ٻيو ڪو به ماڻهو هن کان معلوم ڪري نه سگهيو.

يعني ته ۽ ٻين لفظن ۾ سنڌ جي سرتاج شاعر ڀٽائي سائين جي هن بيت جي به لڳ ڀڳ ڪيفيت ساڳي ئي آهي ته.

**جي تو سِڪڻ سِکيو ته ڪاتيءَ پئي مَ ڪنجهه،**
**سُپريان جي سورَ جو ماڻهن ڏجي نه منجهُه،**
**اندر ايءَ اهنج، سانڍيج سڪائون ڪري.**

خبر ناهي عبدالحق جو اهو "پرين" ڪير هو؟ جنهن جي سور ڪي هن سڄي عمر " سڪائون ڪري سانڍيو ۽ ڪڏهن به ماڻهن ڪي ان "اهنج" جو "منجهُه" نه ڏنائين.

**۽ جڏهن هو هيئن چوي ٿو**
**تو چيو هو**


www.sindhsalamat.com

**"وري پيهر،**
**ملڻ جي،**
**ڪوشش به نه ڪجانءِ..."**
**ان ويل،**
**ايئن لڳو هيم**
**تون مونکان،**
**زندهه رهڻ جو**
**حق کسي**
**رهي آهين...**

ته هن سورائتي سفر جي راز جوسُٽ ڪجهه وڌيڪ سلجهندي محسوس ٿئي ٿو.

ائين ڏک جي تيل ڪڙهائيءَ ۾ ڪڙهندي هن جا شاعراڻا احساس "پٿرن سان پيار" نظم ۾ اظهار جو هڙو انوکو روپ به اختيار ڪن ٿا،

**جڏهن،**
**زماني سان گڏ،**
**تنهنجي نرم**
**۽ نازڪ هٿن ۾**
**پٿر ڏٺم،**
**انوقت کان**
**آءُ،**
**پٿرن سان**
**پيار ڪرڻ لڳو آهيان...**

ساڳي طرح هن جو نظم " لهو لهان " پڙهجي ٿو ته ڪجهه وقت لاءِ ذهن هن جي لفظن مان اپريل درد جي اونهي عميق ۾ ٻڏي وڃي ٿو ۽ سوچ بي اختيار ٿي هن جي ساراهه سان پرجي وڃي ٿي. ڏسو ته ڪيڏي نه نمرتا مان چوي ٿو:

**توهان،**
**پل مونکي**
**لهو لهان ڪيو**


www.sindhsalamat.com

**ليڪن،**
**مان تہ گلن جو،**
**عاشق آهيان...**

هاڻي سوچيو تہ سهي، ”گلن جي عاشق“ کي اسان جو زمانو ڏئي تہ ڇا ٿو؟ رڳو ٿي پٿر ۽ لهو لهان ڪرڻ جو سامان، ٻيو ڪجهہ بہ نہ.

سو آزاد نظم جي هيءَ صنف، جنهن کي منهنجو استاد انور پيرزادو ”خيال جي شاعري“ ڪوٺيندو هو ۽ جنهن سان عبدالحق پنهنجو ناتو ساهہ جي تند ٽٽڻ تائين جَرَ ۽ پڪيءَ وارو رکيو ان ۾ هن پنهنجي اڻڪٿ سورن جون ۽ پيار واري جذبي جون سوين صورتون اپاريون آهن ۽ پنهنجن خيالن کي لهرن وانگر لڪين لباس پهرايا آهن. جنهن جو اندازو انتهائي نويڪلائيءَ ۾ هن جو زير نظر ڪتاب پڙهندي بار بار ٿئي ٿو.

ائين ڪتاب جي ورق گرداني ڪندي نظر جڏهن هن جي ”ڪچو گهڙو“ نظم مٿان اچي ٿي تہ ”ابوءِ“ ڇئي ماڻهو پنهنجو اکيون ٻوٽي ڇڏي ٿو. سادن سودن لفظن ۾ ڏسو تہ هو فڪر سان مالا مال ڪيڏي نہ وڏي ڳالهہ ڪري ٿو ڇڏي. چوي ٿو

**جي،**
**سهڻيءَ جو پيار،**
**پڪو نہ هجي ها،**
**تہ هوءَ،**
**ڪچو گهڙو ڪٺي،**
**ڪنن ۾ ڪيئن ڪاهي پوي ها....**

۽ جڏهن هو زماني جي ستم ظريفيءَ تي سوچيندي پنهنجي اندر جي نفيس دنيا ۾ پڇي پري چُور چُور ٿئي ٿو تہ لفظ هن جي مَنَ جي جوڳيءَ سان ”سپر مارڪيٽ“ نظم ۾ هيئن گهايل لهجي ۾ ڳالهائيندي تخليق ٿين ٿا.

**او جوڳي،**
**پنهنجي وفا**
**۽ ارمان**
**نفسا نفسيءَ جي هن دور ۾**



www.sindhsalamat.com

**نفرتن جي هن سپر مارڪيٽ ۾**
**پيرن هيٺان**
**لتاڙجڻ جي لئہ**
**ڇو رکيا اٿئي؟**

هڪ هنڌ تي عبدالحق جون معصوم اکيون جڏهن مسيحا کي پنهنجي اصل منصب کان پري مال ميڙو ۽ ماڻهوءَ مار ڪاسائڪي ڪرت ۾ رڌل ڏسن ٿيون تہ سندس سوچ ”ڪاسائي“ نظم ۾ هنن لفظن جو لباس پائي آڏو اچي ٿي،

**او مسيحا،**
**بيمار ماڻهپي**
**جي علاج بجاءِ**
**تون تہ هاڻي**
**ڪاسائي ٿي ويو آهين...**

**”لڙڪن جي زبان“** يعني هن ڪتاب جي ٽائيٽل وارو نظم تہ ڇهن سٽن ۾ فڪري لحاظ کان انتهائي اوچي پَدَ تي بيٺل نظر اچي ٿو. جنهن ۾ هو چوي ٿو

**او پرين،**
**اکين جا اشارا**
**تہ خوب ٿي ڄاڻين**
**ڪڏهن**
**لڙڪن جي زبان بہ**
**سمجهندي ڪر...**

هن نظم جي سادن سودن لفظن ۾ ”اکين جي اشارن“ ۽ ”لڙڪن جي زبان“ جو تضاد ڏاڍي انوکي انداز ۾ پيش ڪري شاعر هر عام توڙي خاص پڙهندڙ کان ”واهہ... واهہ ...“ ۽ ”داد“ تہ بي ساختہ ۽ ڀرپور حاصل ڪري ٿو پر سوچيندڙ ذهنن جو ”لڙڪن جي زبان“ يعني ڳوڙهن جي ٻوليءَ طرف جيڪو ڌيان ڇڪرائي ٿو سو نہ فقط سنڌي شاعريءَ ۾ نئون ۽ نرالو آهي، پر شاعر جي زندگيءَ کي بہ ”لافانيت“ جي تحفي سان شاعريءَ جي تاريخ ۾ نشانبر ڪندڙ آهي.

اهڙي طرح عبدالحق ساريي جو ”معصوم حسرتون“ نظم بہ هن جي غير معمولي شاعراڻي اڏام کي اسان آڏو پڌرو ڪري ٿو. ڇا تہ اظهار جو انداز آهي،



www.sindhsalamat.com

**موٽي آءُ،**
**ان ڪان پهرين،**
**جو نا اميديءَ جي صحرا ۾،**
**معصوم حسرتون**
**اڃايل هرڻيءَ جيان،**
**پٽڪي پٽڪي مري نه وڃن...**

تمام ٿورن لفظن ۾ ڪنهن اٿاهين جبل جيڏي ڳالهه ڪرڻ عبدالحق جي قلم جو ڪمال آهي. هي نظم ئي پڙهو

**مون**
**ڪڏهن سوچيو به نه هو**
**ته رابيلن جهڙي**
**ڇوڪري**
**وفا جي مهڪ کان**
**خالي هوندي...**

هن نظم ۾ ”وفا جي مهڪ کان خالي رابيلن جهڙي ڇوڪري“ جو ڪردار چند سٽن ۾ ڪنهن ضخيم ناول جو بيحد ئي ”چالاڪ“، ”سفاڪ“ ۽ روح کي رنج پهچائيندڙ ۽ خوابن ۽ احساسن کي ويڙيندڙ ۽ ڪپيندڙ ڪردار لڳي ٿو.

هونئن به شاعري ان ڪي ئي چئبو آهي. لفظن کي ائين ئي ساهه کڻڻ کپي ۽ شاعر جي دانهن ان طرح ئي گرمٽ وانگر ٻڌندڙ يا پڙهندڙ جي دل ۾ سوراخ ڪري داخل ٿي ويندي آهي.

”ڳيا ڳيا“ نظم ۾ پنهنجي ملڪ جي عدالتي وهنوار تي پنهنجو ردعمل ظاهر ڪندي عبدالحق اجهو هيئن به لکي ٿو

**مان**
**عدالتن ۾**
**انصاف کي**
**ڳيا ڳيا**
**ٿيندي ڏٺو آهي**
**۽**



**جتي انصاف**
**بي موت مري رهيو هجي**
**اتي**
**امن جو مسافر پکيئڙو**
**زنده رهي سگهندو...**

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته عبدالحق جي نظر پنهنجي شاعريءَ واري محبوبه جي ”چنڊ چهري“ تي رهڻ سان گڏوگڏ پنهنجي اوسي پاسي ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين تي به ساڳي گهرائيءَ واري رهي آهي ۽ هو پنهنجي سچي شاعراڻي سفر ۾ ڪٿي به ”غفلت جي چادر“ پائي ڪنهن ”بي خبري“ جي وڻ هيٺان ستل نظر نٿو اچي.

سو روشن خياليءَ جو مثال بڻيل، يارن جي يارَ، پنهنجي اولاد لاءِ دوستن جهڙي پيءُ، پرائمري استاد کان ڪاليج ليول جي شاگردن لاءِ شفيق استاد جي سڃاڻپ رکندڙ اسانجي عبدالحق ساريي جو هي ڪتاب ”لڙڪن جي زبان“ ڪيترن ئي حوالن سان اسانجي سنڌي شاعريءَ ۾ خوبصورت اضافو آهي ۽ اهڙو اثاثو آهي، جنهن تي شاعريءَ جي تاريخ ناز ڪندي آهي.

**محمد علي پناڻ**
**لاڙڪاڻو**
**24 آڪٽوبر 2015ع**



## Adieu!

Late Prof. Abdul Haq Sario was one of my best friends. He was very meek, moderate, genial, gentle and genteel in his nature.

He had had an admirable proclivity, rather avidity to be helpful for others in resolution of their problems and he did it practically.

He extended helping hand to many indigent students to pursue their studies. He was not a spendthrift to squander hard earned money, instead, he had had a keen sense of sympathy for the youth of Sindh, so he felt it an obligation to be generous to brighten future of the architects of the nation.

I found him a broadminded, large hearted, friendly and sympathetic colleague. He had all enlightened attributes and commendable qualities of a good person for which Alexander Pope had prayed for in his following poetic lines.

*“Teach me to feel an other’s woe*
*To hide the faults I see*
*That mercy I to others’ show*
*That mercy show to me”.*

As far as his poetry is concerned, it is indeed, a tears’ tongue. Voltaire has rightly said.

**“Tears are the language of grief”**

Sario was really a lovelorn swain, his blank verses are illustrative of it. He was a sensitive soul, so he could not bear a shock of lifelong separation of his beloved. That is why a major portion of his poetry appears to be an elegy of an anguished and aggrieved lover composed in a state of carks and cares in the wake of infidelity shown by a disloyal damsel.

It is an established fact that parting moment for a lover is a agonizing as the death throes and last breathing hiccups of a dying person for life. Late Abdul Haque Sario has portrayed his parting time plight in his blank verse “Alvida Adieu” in this way:



***Adieu!***
*…. And when*
*Sweet heart,*
*In her valedictory visit,*
*Having sad good bye,*
*Began to part,*
*At that moment,*
*Sweet dreams,*
*Began to fall,*
*From my eyes*
*Drop by drop!*

Frederic Peterson has sadly, rather, soulfully depicted this melancholic moment of separation in these touching lines:

*“The sweetest flower that blows,*
*I give you as we part,*
*For you it is a rose,*
*For me it is my heart”.*

Last but not least, late Sario’s poetry does not seem to be tied to his beloved’s skirt’s hem, but it is also concerned with holistic mundane matters. It presents a sad scenario of Palestinians’ pogrom. It censures cunning and cruel role of super powers at global level and it satires at our social setup where extremism and injustice reign ruthlessly.

The poem “Gabha Gabha” cut into pieces, given below is expressive of poet’s vast vision and the concern he had had for motherland and mankind.

*Cut into pieces!*
*I*
*Have seen*
*In courts justice*
*Being cut into pieces*
*And*
*Where justice*
*Dies of indignities*
*How can there*
*A migratory bird of amity*
*Stay alive??*

***Jam Jamali***
***Larkano***
***4th November 2015***



# آزاد نظم

## موت

توڙي جو مان
موت کان،
ڏاڍو ڊڄندو آهيان.
ليڪن،
جڏهن تون،
وڇڙڻ جون ڳالهيون،
ڪندين آهين،
تڏهن مون کي موت ئي،
نجات جو،
اڪيلو ذريعو،
سمجهه ۾ ايندو آهي.



www.sindhsalamat.com

## جوڪ

تنهنجو رسڻ،
۽ تنهنجو پرچڻ،
تولئہ،
پل تہ وندر (Joke) هجي
ليڪن،
مون لئہ تہ،
زندگي ۽ موت جو،
مسئلو آهي.

❊❊

## ڪبير گناهہ

تو!
اهو بہ نہ سوچيو تہ،
ڪنهن کي،
زندگيءَ جا خواب ڏيکاري،
موت جي واديءَ ۾،
ڌڪڻ،
ڪبير گناهہ آهي.



www.sindhsalamat.com

## ڊپلوميسي_Diplomacy

تنهنجي نيڻن ۾،
مون لئہ،
ليئا پائيندڙ
پنهنجائپ،
۽ اٿاهہ پيار.....
ڇا؟؟؟
ان کي بہ
تنهنجي ڊپلوميسي چئجي!!
تنهنجي نيڻن مان،
ليئا پائيندڙ پيار،
۽ پنهنجائپ،
هير ڏکڻ جي،
سرور بخشيندي آهي.
پر تنهنجي بي رخي،
خودڪشي لاءِ،
سوچ اڀرڻ تي،
مجبور ڪري ڇڏيندي آهي.



## زنده رهڻ جو حق

تو چيو هو
”وري پيهر،
ملڻ جي،
ڪوشش بہ نہ ڪجانءِ...“
ان ويل،
ايئن لڳو هيم
تون مون کان،
زندهہ رهڻ جو
حق کسي،
رهي آهين.

# دعا

تو چيو هو تہ،
”مان،
زندگيءَ ۾،
ڏاڍا ڏک ڏٺا آهن.“
۽ مون ان ويل،
ڪل ڪائنات جي مالڪ کان،
تنهنجي حصي جا،
سڀ ڏک،
پنهنجي لئہ گهريا هيم.
هاڻ!
جڏهن تون مون کان،
هميشہ هميشہ لئہ،
وڇڙي وئي آهين
۽ ڏک مون کي،
وڻ ويڙهيءَ وانگر،
وڪوڙي ويا آهن
تہ سوچيان ٿو!!
ڇا؟ خدا وند ڪريم،
منهنجي اها دل مان،
نڪتل دعا،
قبول ڪري ورتي آهي؟
شل ايئن ئي هجي.....



# مسافر پکي

تو بن!
منهنجي حالت،
ان مسافر پکيءَ جهڙي،
ٿي وئي آهي
جيڪو بيرحم شڪاري جي،
نشاني تي اچي،
ويو هجي!
✻✻

# وساري نہ سگهندس

ڀل تون،
ڀلجي بہ مون کي،
ياد نہ ڪر،
ليڪن آءٌ،
ڀلجي بہ تو کي،
وساري نہ سگهندس.

## پٽرن سان پيار

جڏهن!
زماني سان گڏ.
تنهنجي نرم،
۽ نازڪ هٿن ۾،
پٽر ڏٺم.
ان وقت کان،
آءُ،
پٽرن سان،
پيار ڪرڻ لڳو آهيان.



## نفرتون

اسان جي،
سماج جي بيهڪ،
تہ ڏسو!
جتي،
نفرتون اڻ گهريون،
ملن ٿيون،
پر پيار،
خيرات ۾ بہ،
نٿو ملي.....!!!

## ڀيانڪ ۽ ڌنڌلو

اڄ جي،
ماڻهوءَ جي سڃاڻپ،
تن،
چانڊنيءَ جهڙو
اڇو اجرو
۽ من اوڻٽيهين رات جي،
اونده جهڙو
ڀيانڪ ۽ ڌنڌلو.

❊❊

## چانڊنيءَ جو نور

جاڳندي نيڻن سان،
سپنا اڻيندي،
ورهيه ٿيا،
ليڪن،
ساڀيا جي،
چانڊنيءَ جو نور،
نڪرڻ ئي،
وساري ويٺو آهي.


www.sindhsalamat.com

## جفائن سان پيار

منهنجون وفائون ٻه،
تو کي،
جفائون ٿيون لڳن
۽،
مون کي،
تنهنجين جفائن سان ٻه،
پيار ٿي ويو آهي.

❊❊

## دستڪ

پيار جي حاصلات لئه،
مون کي،
واچوڙي وانگر،
ٻن ٻن ڀٽڪڻو پيو
۽ نفرتون،
منهنجي دروازي تي،
آنڌيءَ مانجهيءَ،
دستڪ ڏينديون رهيون.....!


www.sindhsalamat.com

## دل جو بار

آءُ!
تو سوا،
لڙڪ لاڙي،
دل جو بار،
هلڪو ڪندو آهيان
سوچيان پيو!!
ننڊڙي ٻار واريون عادتون،
مون ۾،
گهر ڪري ته نه ويون آهن؟
چاڪاڻ ته،
ٻار به،
سڏڪي سڏڪي،
دل جو بار،
هلڪو ڪندو آهي....!



## لهولهان

تو هان!
پل مون کي،
پٿرن سان،
لهو لهان ڪيو
ليڪن،
مان ته گلن جو،
عاشق آهيان.

**

## اچ

هي کهڙي،
منهنجي من کي،
اچ ڏئي وئي آهين
جو مٽ پاڻيءَ جا،
پيئڻ کان پوءِ به،
اها لهي ئي نه ٿي....!!

# من جو سرسبز وڻ

ڇا
تو ڪڏهن،
ڪنوڙ کي،
ڪنهن وڻ مٿان ڪرندي،
ڏٺو آهي؟
ايئن،
تنهنجي وڇوڙي ۾،
منهنجي من جي،
سر سبز وڻ کي،
ڪوئلا ڪري،
ڇڏيو آهي.


www.sindhsalamat.com

# بڙ جي گهاٽي ڇانوَ

ڇا
تو ڪڏهن،
نٿهڙ اس ۾،
بڙ جي گهاٽي ڇانو ۾،
ڪي گهڙيون آرام ڪيو آهي؟
منهنجو پيار،
بہ تولئہ،
ان بڙ جي،
وڻ وانگر آهي.
ليڪن! افسوس جو تون،
بي رخيءَ جي ڪهاڙيءَ سان،
ان کي پاڙئون،
وڍي رهي آهين.


www.sindhsalamat.com

## ٽوهر آچيندڙ هٿ

آءُ!!

محبتن جا گلاب،
ورهائي ورهائي نہ ٿڪبو هوس،
ليڪن!
اوچتوئي اوچتو،
منهنجو پنهنجو جهول،
ٽوهرن سان ڀرجي ويو،

۽،
ٽوهر آچيندڙ هٿ،
ٻہ اهي هئا،
جن کي مون،
پنهنجن چپن،
۽ نيڻن سان،
سدائين چاهتون آچيون هيون،
۽ بي حد چميو هو.



www.sindhsalamat.com


## فَرقُ

تنهنجي ۽ منهنجي،
سوچ ۾،
زمين ۽ آسمان جيڏو،
فرق آهي،
تو!
مون سان واپار ڪيو،
۽ مون،
بس تو سان پيار ڪيو.

**

## ڪچو گهڙو

جي!
سهڻيءَ جو پيار،
پڪو نہ هجي ها،
تہ هوءَ،
ڪچو گهڙو کڻي،
ڪُنن ۾ ڪيئن ڪاهي پوي ها!!



www.sindhsalamat.com

## جيون

تون،
چوين ٿي،
آءُ ماضيءَ کي،
وساري ڇڏيان،
اهو ماضي،
جنهن جي حسين لمحن،
جي نيڻن کي،
منهنجي چپن،
بيحد چميو.
منهنجي جيون کي
”جيون“ عطا ڪيو!
❋❋



## اوسيئڙو

يقين چاڻ،
مُئي پڇاڻان بہ،
تنهنجي اوسيئڙي ۾،
منهنجا نيڻ،
کليل ئي رهندا...!!
❋❋

## شهزادي

جي آءُ،
تنهنجي جيون جو،
شهزادو ٿي نہ سگهيس،
تہ پوءِ ڇاهي،
تون!
تہ منهنجي خوابن جي،
شهزادي آهين.....

## خوشيون ۽ بهارون

تنهنجو!
خوشين ۽ بهارن جو،
ڪيڏو نہ،
گهرو تعلق هيو،
تو پڄاڻان !
منهنجي اڱڻ،
خوشيون ۽ بهارون بہ،
اچڻ وساري،
ويٺيون آهن....!!
❊❊


www.sindhsalamat.com

## صدين جو ٽڪ

او جوڳي!
جنهن جي،
هڪ جهلڪ،
پسڻ سان،
تنهنجي نيڻن جي،
صدين جو ٽڪ،
لهندو هو.
سا تہ،
تنهنجي خوابن ڪان بہ
وڏي محل جي،
قيمتي گلدان ۾،
سجائي ويئي آ.
❊❊


www.sindhsalamat.com

## مصلحتن جو لباس

او جوڳي!
ڏَرِ ڏَرِ سين هٽي،
ڪنهن کي ٿو ڳولهين.
هو!!
تہ مصلحتن جو لباس اوڍي،
تنهنجي ارمانن جي لال لهوءَ سان هٿ رڱي،
دنيا جي رنگينين ۾،
ڪڏهوڪو
گم ٿي ويئي آهي.
✽✽


www.sindhsalamat.com

## سپر مارڪيٽ

او جوڳي!
پنهنجي وفا،
۽ پنهنجا ارمان،
نفسا نفسيءَ جي هن دور ۾،
نفرتن جي هن سپر مارڪيٽ ۾،
پيرن هيٺان، لتاڙجڻ لئہ،
ڇو رکيا اٿئي!!
✽✽

## شفا

تنهنجي،
هٿن ۾،
ايڏي شفا آهي،
جو ڇهڻ سان ئي،
مان!!!
وري جي پيو آهيان.


www.sindhsalamat.com

## موت ۽ حيات

اسين ٻئي،
محبت، خدا،
موت ۽ حيات،
جي فلسفي تي،
اڪثر ڏگها ڏگها بحث،
ڪندا هئاسين،
هڪ ڏينهن،
هن پڇيو!
موت جي معنيٰ ڇا آهي؟؟
مون چيو هو!
”تنهنجو وڇوڙو!“
❋❋



## نٿهڻ اس

تنهنجي! زلفن جي،
ٿڌڙي ڇانوري ۾،
ٿورڙا لمحا،
گذارڻ ڪانپوءِ،
ساري حياتي،
آءٌ!!
وڇوڙي جي نٿهڻ اس ۾،
تندور جيان،
تپندو رهيو آهيان
❋❋

## رنگ اڏارا

او ڇھيلي!
پنھنجي گلابي،
چپن تي،
سرخي ڇو لاتي اٿئي؟؟؟
ڇا!
گلاب کي بہ،
ڪڏھن،
رنگ اڏارا،
وٺڻ جي ضرورت
پيش آئي آھي.....؟؟

❋❋

## ڪاسائي

او مسيحا!
بيمار ماڻھپي،
جي علاج بجاءِ،
تون تہ ھاڻي،
ڪاسائي ٿي ويو آھين!!



## لڙڪن جي زبان

او پرين!
اکين جا اشارا،
تہ خوب ٿي ڄاڻين،
ڪڏھن،
لڙڪن جي زبان بہ،
سمجھندي ڪر.

❋❋

## پرتوو

ڪاش!
منھنجي شاعري،
تنھنجي بي پناھہ حسن جو
پر توو
بڻجي پوي.....!!

## پوڄا

پٿرن کي،
پوڄڻ جي،
منهنجي ڌرم ۾،
جي ممانعت نہ هجي ها!
تہ مان تنهنجي،
پوڄا،
ضرور ڪيان ها!!
❊❊

## خوشفهمي

تنهنجو پيار!
توڙي جو،
مون لئہ،
خوشفهمي هيو.
ليڪن!
مريض لئہ،
آٿت ئي تہ،
وڏو سهارو هوندو آهي...!!



## معصوم حسرتون

موتي آءُ!
ان ڪان پهرين،
جو نااميديءَ جي صحرا ۾،
معصوم حسرتون،
اُجايل هرڻيءَ جيان،
ڀٽڪي ڀٽڪي مري وڃن!!
❊❊

## سفيد لباس

مون جڏهن،
چمپا گل کي ڏٺو،
تہ ان ويل،
ايئن لڳم
جڻ تون سفيد لباس اوڍي
منهنجي اڳيان،
اچي بيٺي آن!!!

## زندگي

زندگي،
جيڪا تنهنجي گلابي چپن تي،
رقصان مسڪراهٽ سان،
شروع ٿي هئي،
سا،
ناڪام حسرتن جي،
بند ڳليءَ ۾،
الجهي،
واريءَ تي ليڪن وانگر،
ڊهي رهي آهي!!!
**



## ڪمپرومائيز-Compromise

تون!
اڪثر چوندي هئين تہ،
”آءٌ!
مصلحت پسند نہ آهيان“
ڏس!
تو پڄاڻان،
مون زندگيءَ سان،
ڪنهن معذور وانگي
ڪيئن نہ ڪمپرومائيز ڪيو آهي.
**

## وفا جي مهڪ

مون!
ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو،
تہ رابيلن جهڙي،
ڇوڪري،
وفا جي مهڪ کان،
خالي هوندي...!!

# سحر

تنهنجي!
سندر نگاهن ۾،
ڪيڏو نہ سحر هيو.
جو مان!
اجان!
ڏکھي وڇوڙي ڪانپوءِ بہ،
پاڻ سنڀالي،
نہ سگھيو آهيان.

❊❊

# مسڪراهٽ

تون جي،
مسڪرائڻ ڇڏيندين،
تہ يقين ڄاڻ،
دنيا ۾،
گل
ٽِڙڻ وساري ويهندا!

❊❊



www.sindhsalamat.com

# تقدس

تو!
چيو هو تہ،
”مان پنهنجي دامن تي،
تِرَ جيترو داغ،
بہ نہ سهي سگھندس.“
۽
مان تنهنجي ڳليءَ مان،
گذرندي،
ٽڏا ساهہ بہ نہ کڻندو آهيان،
ڇو تہ،
متان
منهنجا ٽڏا ساهہ،
چغلي هڻي
تنهنجي حرمت تي حرف آڻڻ جو سبب نہ بڻجن

❊❊



www.sindhsalamat.com

## ٻيا ٻيا

مان!
عدالتن ۾،
انصاف ڪي،
ٻيا ٻيا،
ٽيندي ڏٺو آهي
۽
جتي انصاف،
بي موت مري رهيو هجي،
اتي،
امن جو مسافر پکيئڙو،
زندهه ڪيئن رهي سگهندو؟؟
❊❊


www.sindhsalamat.com

## الوداع

.......۽ جڏهن،
هوءَ،
آخري ڀيرو
الوداع چئي،
وڃڻ لڳي،
ان وقت،
منهنجي نيڻن مان،
سپنا،
ٽيپو ٽيپو ٿي،
ڪرڻ لڳا.
❊❊


www.sindhsalamat.com

## ڪيهون

مون ڪي!
راهن ۾،
پيل پٿرن وانگر،
نہ ٺڏيو،
منهنجا معصوم احساس،
ڪيهون ڪري،
جاڳي پوندا...!!
❊❊

## زخمي مور

مون توکي چيو هو تہ،
مان توکانپوءِ،
ايئن روئيندس ۽ رڙندس،
جيئن ڪارونجهر ڪور تي،
ڪو زخمي مور...!!



## حسين نانءُ

مُڪڙيءَ جي،
بند چَپن تي،
تنهنجو حسين نانءُ،
لکيل ڏٺم.
۽،
جڏهن مُڪڙي،
جوڀن رَسي،
۽ گلاب ڪِڙيو تہ.
هوبهو،
تو جهڙو سُندر لڳو...!!
❊❊

## زندگيءَ جو الميو

اسان جي،
زندگيءَ جو الميو
بک ۽ ڏک،
ذلت ۽ ظلمات،
نفرت ۽ ڌڪار،
۽،
تنهنجي زندگيءَ جي،
ٽريجڊي،
ٿولهه ۽ پوڍائپ.
تون!
Dieting ڪري،
ٿولهه کي گهٽائين ٿو،
۽ منهنجا ٻچا،
بک وگهي،
مري رهيا آهن.
**



www.sindhsalamat.com

## توکان پوءِ

مون،
گلابن کي،
تنهنجي چپن تي،
ٽِڙندي ڏٺو آهي.
مون،
چانڊني کي،
تنهنجي مُک مان،
نِڪرندي،
ڏٺو آهي.
۽ شفق کي،
تنهنجي ڳلن مان،
ڦٽندي ڏٺو آهي.
تنهنجو چهرو،
پسڻ کانپوءِ،
مان پلا،
ڪيئن يقين ڪيان ته،
ڪو ٻيو به چنڊ،
هن ڪائنات ۾،
موجود آهي!!!



www.sindhsalamat.com

## ٻيو جيون

جيون ۾،
مون کي ٻيو حاصل ٻہ.
ڇا ٿيو آهي؟
جو مان توکي ٻہ.
وساري ويهي رهان......!!

**

## ڪاڙهو

تو سوا،
زندگي مون لئہ اُني جي هِيرَ،
نہ پَرُ،
جُونِ جو سخت ڪاڙهو،
ٿي ويئي آهي...!!



www.sindhsalamat.com

## توبن

توبن!
منهنجو من
قِتل شهر جي،
آثارن جيان،
ويران،
خالي خالي
۽ اداس ٿي پيو آهي....!!

**

## تو پڇاٹان

تو پڇاٹان!
وقت مون لئہ،
ان بيرحم ڪاسائيءَ،
جهڙو ٿي ويو آهي،
جيڪو هر پل،
منهنجي لڱ لڱ کي،
اَڏيءَ تي رکي،
ڪپي رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com

## موت

مون تنهنجي لئہ،
تنهنجي راهن تي،
گلاب پوکي،
پنهنجي خوابن سان،
انهن جي آبياري ڪئي
۽،
تو نفرت جي ٿوهرن سان،
منهنجي محبت جي دامن کي،
تار تار ڪري ڇڏيو...!!

❊❊



## خانہ بدوش ٿي ويل خواب

تو پڄاڻان سائڻ!
خواب خانہ بدوش ٿي،
درد جي مسافتن ۾ ڀٽڪي،
ساپيا جي آس ۾،
اڌ مئا ٿي پيا آهن.....

۽
زندگيءَ جي جهول ۾
نا اميديءَ جا ٿوهر
گڏ ٿي،
روح کي رهڙي،
گهايل ڪري رهيا آهن
۽ آءُ ٽٽل ستاري جيان،
بي سمت،
بي منزل،
ڀٽڪي ڀٽڪي،
ساڻو ٿي
تاريڪيءَ جي سمنڊ ۾
گم ٿي رهيو آهيان.....!!

❊❊

# سپنن جا گلاب

نيڻن جي ڌرتيءَ تي،
سپنن جا گلاب،
اجا تـڙڻ ئي مس لڳا
تہ خزائن جي شوخ جهونڪي،
ساپيا جو چنڊ چهرو
سپن کان اڳ،
گهڻو اڳ
گلابن جي پنکڙين کي،
وکيري ڇڏيو
ورهائي ڇڏيو
۽ بي خواب زندگيءَ جون،
تتل مسافتون طئہ ڪندي،
لڳ لڳ ساڻو
۽ پير ڦِٽُون ٿي ويا آهن
۽ وصل کان اڳ،
فراق جي عذاب،
منهنجي زندگيءَ جي پل پل کي
فالج سٽيل مريض جيان،
ڪوجهو
اڻ وڻندڙ
۽ مصيبت ماريل بڻائي ڇڏيو آهي......!!


www.sindhsalamat.com

# ڌرتي دوزخ جو ڍيڪ

جڏهن،
سورج اوسيئڙو ڪاٽي،
محرومين جي چادر ۾ ويڙهجي،
اولهہ جي دامن ۾،
سميٽجي،
پنهنجي وجود جي گمشدگي تي
ماتم ڪرڻ لڳو............ ۽
۽ اولهہ جي سينڌ تي،
شفق رنگ نکريا،
ان ويل
ٻگهي ۽ اڻ کٽ اوسيئڙي جو،
وڇوڙي جو،
ڪنڌن پريل رستو،
منهنجي اڳيان وڇائجڻ لڳو
۽ ڌرتي مون لئہ،
دوزخ جو ڍيڪ بڻجي ويئي.....!!
❊❊


www.sindhsalamat.com

# اعلان

اسان جي بي ڪفن محبت،
راهن ۾ ٿُڏجي پيئي،
پٿڪي اسان جي بي مُلهه
وفا جي چِتا،
جڻ سالن ڪنان جلي پئي،
اسان جا بي تعبير سپنا،
چاهتن جي اڪيلي ڪونج جيان،
سرمئي آڪاس جي،
بي پناهه وسعتن ۾ پٿڪن پيا،
اسان جا احساس،
ڪنهن ناجائز ٻار جيان،
ڪنهن اونداهي گهٽيءَ جي موڙ تي،
رڪيل ڊسٽ بن ۾،
زندگيءَ خلاف ڪيهون ڪري،
جڻ احتجاج ڪري رهيا آهن.
هر لمحو موت ڪان بہ بد صورت،
وڇوڙي جا عذاب ڪنيو،
ڪاريهر جيان ڏنگي پيو،
۽ پنهنجي شهر جي،
هر ماڻهو جو هٿ،
پنهنجي خون جگر ۾ ٻڏل پاسي ٿو،
ويران صبح،
هٿ ۾ ڊگهي تلوار ڪنيل وحشيءَ جيان،



منهنجي اداس وجود تي وار ڪرڻ لاءِ آتو آهي.
ٻن پهرن جي ساڙيندڙ ننهڻ اس،
اسان جي بي سڪون من،
۽ سڃاٽپ وڃايل تن ڪي،
ساڙڻ جو جڻ قسم ڪٽي چڪي آهي.
نما شام،
اٽيا وار ڪولي
ڪنهن وڏوا جيان پاراتا پيئي ڏيئي،
۽ گهٽ ۽ ٻوسٽ ۾ ويڙهيل ڪاري رات،
ڪنهن ڏائڻ جيان،
پنهنجي ڊگهن ننهن سان،
منهنجي جسم تان،
ماس روڙڻ لاءِ،
جڻ منهنجي مٿان اچي ڪڙڪي آهي،
۽ آءُ اڃا ڪنهن معجزاتي وصل،
جي راحت ڪي،
مسلسل محسوس ڪري،
من اندر جي اجڙيل گلشن ۾،
محبتن جا گلاب پوڪي،
بي رحم شهر جي هر چوڪ تي بيهي
وري مهڪندڙ محبتن جا،
اڻ ڪٽ چاهتن جا،
نہ جهرندڙ جذبن جا،
اعلان پيو ڪريان.....!!

# ايڪويهين صديءَ جو الميو

ايڪويهين صدي
جنهن ۾ هر فرد
ڏينهن رات نفسا نفسيءَ ۾،
جُتيل آ،
ناڻي جي ڊوڙ ۾،
رت جا رشتا ٻه،
ڀُلايا پيا وڃن،
انساني دماغ،
ڪمپيوٽر جيان بي حس ٿيندو پيو وڃي،
ذاتي مفادن جي ڪوهيڙي ۾،
انسانيت ويڙهبي پئي وڃي،
سياسيات،
سماجيات،
۽ اقتصاديات جي چوٻول ۾
معصوم زندگيون ڪسيون پيون وڃن.
انسانيت،
گند جي ڍير تان،
سڪل ٻُڪيا ڳولهي،


www.sindhsalamat.com

ٻُڪ اجهائي رهي آ،
سماجي انصاف سان،
ريپ ڪيو پيو وڃي،
لاشن جي سياست تي،
ناز پيو ٿئي،
ان هوندي به او بي خبر!
مون تو ڪانسواءِ،
ڪجهه به نه سوچيو آ،
پيٽ ٻڪيءَ جو سانگ
نه ڪيو آهي
تنهنجي سندر ڪنول جهڙو چهرو
پنل نيڻن آڏو
نه ڪڏهن هٽيو آ
ساهه گهٽيندڙ ۽ ٻرندڙهن ماحول ۾
تنهنجون يادون ڏيءِ آٿت جيان رهيون آهن،
انهيءَ جياپي جي جنگ ۾،
مون اجان تائين نه هارايو آ.
**


www.sindhsalamat.com

# تهذيب يافته دنيا

هي ڇا پيو ٿئي!!
هي تهذيب يافته دنيا.
پنهنجي ڏڳهن خونخوار ننهن سان،
انسانيت جي معصوم ۽ زرد ڇهري کي،
رهڙون پائي،
ان کي بدصورت،
ڪري رهي آ،
هي ڇا پيو ٿئي!!
هن خوبصورت ڪائنات جي،
وجود کي،
برباد ڪرڻ جا مڪروه ارادا،
ميزائيلن جو مينهن،
بمن جا وسڪارا،
معصوم ٻارڙن جون هنيانءَ ڏاريندڙ چيخون،
تيرهن سالن جي اڪيلي پٽ جي لاش تي،
ساري دنيا ڪان بي نياز.



www.sindhsalamat.com

ماتم ڪندڙ ماءُ،
"مان ته توکي ڇولن وکڻڻ
لاءِ موڪليو هو"....
پيڻرن جي سڪل چپن مان نڪتل
اوسارا،
ٻُڍڙي پيءُ جي اداس نيڻن مان،
لڙڪ ٽمندڙ
نوجوانن مٿان،
موت جي خوفناڪ ڳجهن جا لامارا،
ڪائنات سموري،
گيڙو رتا ڪپڙا اوڍي،
منهن مونن ۾ ڏيئي،
سڏڪي پيئي.
هي ڇا پيو ٿئي!!
هر طرف موت جا پاڇولا،
لاشن جا انبار،
سڙيل انساني گوشت جي ڪچي بوءِ،



www.sindhsalamat.com

ساڙيو ۽ ماريو جون هڪلون،
خوبصورت ڪپڙا اوڍيل وحشي،
سڌريل دنيا جا،
اڻ سڌريل حڪمران!!!
انسانيت جو وجود فنا ڪرڻ لاءِ آتا،
۽ ماڻهپي جي موت تي،
واڇون ٽيڙي ٺهڪ ڏين پيا.....
اپاهج ٻڄي ويل،
پوڙهي ڌرتيءَ جون،
هنيانءَ ڏاريندڙ دانهون،
فضا ۾ ڦهلجي،
ڪنن جا پردا چيري رهيون آهن!!!!
❊❊


www.sindhsalamat.com

## کهکشان ۾ بسيرو

منهنجي اداس نيڻن ۾،
پنهنجي خوبصورت چاهت جا،
سمورا شفق رنگ ٽاڪي،
منهنجي سپنن ۾،
پنهنجي وجود جي مهڪ.
مهڪائي،
ساهن کي،
چاهت جي سهڻي سئيءَ سان سبي،
منهنجي من اندر جي،
پاتال ۾ پيهي،
رڳ رڳ ۾،
سمائجي،
منهنجي نيم مرده حسرتن کي،
جرڪائي،
زندگي جي هر لمحي کي،
گلن جهڙي تازگي بخشي،
جانان!
ڪٿي گم ٿي وئي آهين....؟؟؟
❊❊


www.sindhsalamat.com

# محبت ڪڏهن مرڻي ناهي

ايسلر ڪوڙزي
۽ ليزا هولڪيٽ،
مادي پسند دنيا ۾،
چاهه جي راهه جا پانڌيئڙا،
جن جي چپن تي،
ماڪيءَ لار جهڙيون چميون،
دم توڙي ويون،
سندن سنگيت جهڙيون مسڪراهٽون،
هوائن ۾ تحليل ٿي ويون،
۽ سندن ارمانن جو تاج محل،
غريب جي جهوپي جيان،
قسمت جي زلزلي جي،
سٽ نه سهي ڊهي پيو
ليڪن!
محبتن جي تاريخن ۾،
ان کي امر ڪري،
وفائن جو ڳاٽ،


www.sindhsalamat.com

اوچو ڪري ويا.
۽ آخري لمحن ۾،
پنهنجي سندر سپنن کي،
سهڻي ساپيا جو روپ بخشي،
يادن جي گهنگهور گهٽائن جهڙن،
زلفن ۾ ويڙهي،
اداس نسل جي،
بيمار ۽ ٿڪل ذهنن مان،
خودڪشين جا خيال روڙي،
سندن ويران نيڻن ۾،
چاهنا ۽ اتساهه جو
هڪ "يونيورسل ميسيج" ڌرايو
"ته محبت ڪڏهين به مرڻي ناهي...."
ڇو ته جسماني موت،
روح جي رشتن کي
شڪست ڏيئي سگهندو ناهي......!
**


www.sindhsalamat.com

## ڪائنات جي دلڪشي

اچي ڏس! سپنا، ساپيائون،
خواب تعبيرون،
حاصل لا حاصل،
مسڪراهٽون،
انڊلٺ جا رنگ،
گلن جي سرور بخشيندڙ سرهاڻ،
چاندنيءَ جو منو ۽ ٿڌو نور،
بهارن جو لمس،
موسيقيءَ جو ردم،
غزل جا چونڊ شعر،
ڪوئل جي منڙي لات،
مور جو ناچ،
ساوڻ مينهن جي اوت،
جوانيءَ جي نشي ۾ مست،
خوبصورت جوڙا،


www.sindhsalamat.com

دلڪش ڪلبن ۾،
ساقيءَ جا جام،
هر جام سان گڏ،
ڇلڪندڙ ۽ محو رقص جوانيون،
ڪائنات جي سموري دلڪشي،
۽ حسناڪي
تو بن،
صرف تو بن،
ڪيڏي نه ويڳاڻي،
اداس ۽ بي معني ٿي لڳي.

**


www.sindhsalamat.com

# ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي

جانم!
تو پڄاڻان پاڻ وٽ،
چند اڌپورن سپنن،
وکريل ارمانن،
درد ڀڏل احساسن،
مرجهايل مکڙين،
اداس چانڊني،
هنجون هاريندڙ باکن،
رت ڀڏل ۽ غريب شامن،
سڏڪندڙ سنجهائن،
لڱ ساڙيندڙ لُڪن،
نامهربان موسمن،
بند نيڻن ۾ لڙڪن،
روح جي تازن زخمن،
پٿر ٿي ويل مرڪن،



بي وسين ويچارڳين،
مڏرتا وچايل سرن،
اڌورن گيتن،
اڻ چيل ڳالهين،
نَوَ سَوَ نوي گهاون،
ذلتن، ظلمتن،
بي حد ڪرب،
چرين چاهتن،
سورن ماريل سوچن،
۽ تولئہ چپڙن تي رهجي ويل دعائن،
ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي
ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي!!!
**

# جنم ڏڻ

ڪير جهڙي،
اڇي اجري ڇوڪري،
تنهنجي مبارڪ جنم ڏڻ تي،
منهنجي ڇپن تي،
تولئہ هزارين دعائون آهن.
۽ نيڻن منجهہ،
موت برابر انتظار جا اولڙا،
۽ من اندر،
اڻ ڪٿ پيار آهي.
جنهن جي شايد،
هينئر توکي ضرورت نہ آهي.
ڇاڪاڻ تہ،
هينئر تولئہ ڪيتريون ئي،
نگاهون منتظر،
۽ ڪيتريون ٻانهون،
ڪليل آهن
ڪيترن ئي ڇپن تي،
مڌر گيت
۽ ڪيترين ئي راهن ۾،



www.sindhsalamat.com

گلاب پتيون هِن وِڪريون
او ٻُهيلي ڇوڪري!
جنهن ويل،
زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي،
خدا نہ ڪري،
تون اڪيلي ٿي وڃين،
۽ تنهنجي نيڻن ۾ اداسي
اماس رات وانگر،
لهي اچي
۽ سموريون موسمون تو مٿان،
نامهربان ٿي پون.
۽ تنهنجي منڙي آواز مان
مڌرتا ۽ سحر گم ٿي وڃي
وقت جي بيرحم نٽهڙ اس
تنهنجي تن بدن کي جلائڻ لڳي.
ان وقت بہ منهنجو پيار
ٻڙ جي گهاٽي وڻ جيان
تو لئہ منتظر هوندو........
**



www.sindhsalamat.com

# صدين جي اج

من اندر جي ڌرتيءَ تي،
تنهنجي چاهت جي گلابي گلڙن کي،
مون ڪيڏو اتساهه سان پاليو هو
تنهنجي سندر يادن کي،
زندگي جي ڪل موڙي سمجهي.
سالن کان، ساهن جيان
سانديو هو
توڙي جو زندگي
هڪ ڏکي سزا کان گهٽ نه هئي.
ليڪن پوءِ به توکي پائڻ جي احساس سان،
من اندر ۾ سوين سُر ٻُري پوندا هئا.
ڪائنات سموري،
رقص ڪندي محسوس ٿيندي هئي.
تاري تاري ڳاڙها گل،
ٽڙي پوندا هئا.
هر موسم مهربان پاسندي هئي.
تنهنجي چاهت نيڻن منجهه
اندلٺ جا سمورا رنگ اوتيندي هئي.
۽ تنهنجي سڪ،
من اندر ۾ وري جيئڻ،
مُرڪي پوڻ جا احساس



اُٿيندي هئي،
ڏکڻ هير ڳرا ٽڙيون پائي،
ڏک شيئر (Share) ڪندي هئي.
۽ آءُ تنهنجي نيڻن مان،
صدين جي اج،
ايئن لاهيندو هيس،
جيئن ٿر جي ڏڪاريل ڌرتي، مينهن ڦڙين مان
ليڪن اوچتو ئي اوچتو
منهنجي هٿن مان تنهنجو هٿ،
سرڪڻ لڳو.
۽ مون کي ايئن پاسيو،
جيئن مان اِجهو ئي،
پوانٽيون ڪائي،
ڪنهن اونداهي غار ۾،
هميشه هميشه لاءِ غرق ٿي ويندس.
ليڪن سانئڻ!
منهنجي زرد چهري تي،
موت جو خوف نه آهي.
منهنجي جسم ۾ ٿورڙي به، لرزش نه آهي
چاڪاڻ ته مون کي،
موت کي مرڪي قبول ڪرڻ لئه
سوين سبب مليا آهن.

# نندي ڪنڌ جو ماتم

تاريخ جي پيشانيءَ تي،
چوڏهين جي چنڊ جيان،
جڳمڳائيندڙ نندو ڪنڌ!
پنهنجي ئي ريتي رت ۾،
سوين دفعا لهو لهان ٿيو.
شاهه ڀٽائي،
سچل سرمست،
نظام الدين اولياءَ،
بابا فريد،
بلهي شاهه
۽ خواجه معين الدين چشتيءَ جو تصوف
گيڙو رتيون الفيون اوڍي،
تڏهن دنيا تياڳي ويو.
جڏهن محبتن جي پيامبر،
ڪنور ڀڳت ڪي،
رڪ اسٽيشن تي ڪنو ويو هو.
۽ جڏهن ڀڳت سنگهه،
چندر شيکر آزاد
سڀاش چندر
۽ هيمون جي لازوال قربانين
رنگ لاتو.



۽ انگريز سامراج جي
پوري ڪتي پونڪڻ بند ڪيو.
تڏهن حرامي سامراجين،
سازشن جي نئين ڪوفي،
"بڪنگهم پئليس" ۾ ويهي.
نندي ڪنڌ جي روح کي وڍي،
ٿالهين ۾ سجايو.
۽ ڪشمير کي اڻ نبريل ڇڏي،
هميشه هميشه لاءِ نفرتن جو ٻج ڇٽي،
نئون سامراجي روپ وٺي،
ڀيانڪ ڏند ڪڍي ٻڇڙا ٿهڪ ڏنا.
۽ پوءِ ڪشمير
نندي ڪنڌ جي مقدس روح ۾،
ناسور جي شڪل ورتي،
تڏهن کان،
شاهه ڀٽائي جي سپني جهڙي سنڌ
جي ڪپهه جهڙن نرم ۽ نازڪ پيرن ۾،
غلاميءَ جا زنجير،
هڪ ڀيرو وري وڌا ويا.
5 لک بنگالي ڪنواريون ناريون،
مائرون ٻڄي،
انساني ضمير تي چٽرون،

ڪنديون رهيون.
اڃا ننڍي کنڊ جا لڙڪ
نہ سڪا هئا تہ
شيو سينا ۽ ”بي جي پي“ جو
ناجائز جنم،
نهروءَ جي سيڪيولرازم جي روح ۾،
بد نما داغ جيان پڌرو ٿيو،
جن عبادتگاهن جي تقدس کي پائمال ڪري،
بابري مسجد،
گولڊن ٽيمپل
۽ چرچن کي مسمار ڪري،
انساني ڀائيچاري جي بدن تي،
خوفناڪ جانورن جيان چڪ هنيا.
۽ ڌرتي ماتا کي رت ۾ وهنجاريو.
هينئر گجرات ۾ وري،
هندو انتهاپسنديءَ جو سوئر،
معصوم انسانيت جي ماس ۾
پنهنجا ڀيانڪ وچ کپائي،
ان جي خوبصورت ۽ دلڪش چهري تان،
ماس روڙي،
دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت جي پَتِ کي،
وائکي ڪري رهيو آ


www.sindhsalamat.com

ايٽم بم جي خالق،
عبدالڪلام کي،
ننڍي کنڊ جي تاريخ جي روح ۾،
خوفناڪ تباهيون ڦهلائڻ لاءِ،
هندوستاني صدارت جي ڪرسي تي،
ويهاريو ويو آ.
ڌور ڪتي،
دهلي جي ڦٽ پاٿن تي،
غريبن ۽ اڇوتن جي بستيءَ ۾،
گانڌيءَ جي ”اهنسا“ وارو نظريو
اٽيا وار ڪولي،
سيني تي ڌڪ هڻي
ماتم ڪري رهيو آ.
۽ ٽيليويزن اسڪرين تي
ٻنهي ملڪن جا جنگي ماهر،
ٻهرين ۽ ٻئي ايٽمي حملي،
جي تباهہ ڪارين جي اڳڪٿي
ايئن ڪري رهيا آهن
ڄڻ ڪنهن مزاحيہ فلم جي،
پريميئر شو تي ڳالهائي رهيا هجن.....!!!
❋❋


www.sindhsalamat.com

## ڌرتيءَ جو نوحو

فلسطين!
پيغمبرن جي ڌرتي
رت ريتي ۾
گذريل پنجن ڏهاڪن کان
گولي جي ٻولي.
نہ سينڌ کا سرهي،
نہ زندگي جو رقص.
آہ روز اٽپوري.
خوشي بلڪل اوپري
پنھنجي ئي ڏيھہ ۾
ڪيمپن ۾ قيد زندگي.
ڄڻ ماريءُ جي ڄار ۾ هيسيل هرڻي
ٻالڪپڻ ۾
موت جو ٻک بڻيل حياتي.
معصوم ٻارءُ جي چچريل لاش تي
ننڍڙي ڀيڻ جو،
ٻاروتڻي ٻولي ۾ ماتم
پيءَ جي رت ۾ وهتل لاش مٿان چنبڙيل
معصوم ٻارڙن جون چيخون.......
ور کان وڇڙيل ونيءَ جون
پڪارون.....
مائرن جي نيڻن مان
آسون ۽ اميدون
لڙڪن سان گڏ وهندڙ....


www.sindhsalamat.com

نوجوانن جي ڇهرن تي
مرڪ بدران ڪروڌ جا تاثر....
نوجوان نارين جي نيڻن ۾
ڪنوار بڻجڻ بدران
آزاديءَ جا سپنا
شھادت جو شوق
آزادي جيڪا ڪائنڻ رت گھري ٿي.
سمورو ست گھري ٿي.
هن بد نصيب ڌرتيءَ تي
ڪڏهن گل نہ ٽڙيا آهن.
ڪڏهن ڪي چاهہ جا چنگ
نہ ٻريا آهن.
ڪڏهن ڪا ڪوئل جي صدا
نہ ٻري آ
ڪڏهن ڪي سرهائيءَ جا گيت نہ
گونجيا آهن.
بس هر گھڙيءَ مان
روز نئون لاش ڪڇي ٿو.
روز نئون ڪونڌر ڪسي ٿو.
۽ ڌرتيءَ جون هنيون هڄي ٿو.
ڌرتيءَ ڏڪاڻيل
ذلتن ماريل ماڻھو
نوحہ، مرثيہ ۽ ڪيڏارا ڳائي ڳائي
ساڻا ٿي پيا آهن....
پر اجا بہ دنيا جو ضمير سُتل آ....؟؟؟


www.sindhsalamat.com

# تون ۽ مان

تنهنجي دنيا!
ڪوڙ، دوکو فريب،
پہ چاپڙائي، منافقي، خود غرضي
غرور، وڏائي
۽ انسان دشمن روين تي ٻڌل آهي...!
۽ منهنجي دنيا!
سچ، پيار، قرباني،
نياز ۽ نوڙت جي عالمي اصول،
۽ انسان دوست روين تي مبني آهي.
تون اجالن ڪان،
باڪن ڪان،
صبح جي مرڪندڙ ڪرڻن ڪان،
ماڪ ۽ وهنتل گلابن ڪان،
ڏجين ٿو
۽ آءٌ،
باڪن،
ڪرڻن جي نور ۽ روشنيءَ ۾،



پھ پھ ڪري پھڪان ٿو
تنهنجي دنيا ۾،
ڪي رنگ نہ آهن.
تنهنجي دنيا ۾ سهڻا گل
سرور بخشيندڙ سرهاڻ
۽ رنگ برنگي پوپٽ،
نہ آهن.
تنهنجي دنيا ۾،
تو سوا ٻين لئہ،
اڻ ڪٿ ڏک،
بيحال ڪندڙ ٻک،
ماتم، آهہ و زاري،
۽ لڙڪن جا ڏکها سلسلا آهن.
تنهنجي گدلي سوچ،
وڻ ويڙهيءَ وانگر،
انسانيت جي نرم ۽ نازڪ صلن ڪي
گونچن ۽ مکڙين کي وڪوڙي
بي ستو ڪري رهي آهي.

۽ منهنجي دنيا انڊلٺي رنگن،
گلن ۽ رابيلن جي سرهاڻ سان،
واسيل ۽ آباد آهي.
منهنجي دنيا ۾،
انسانن لاءِ،
سواءِ ڪنهن امتيازجي،
اڻ ڳڻيا سک ۽ ٿهڪ آهن.
تون وقتي طور تہ،
مون کي شڪست ڏيئي سگهين ٿو.
ليڪن،
اي وقت جا يزيد....!
ياد رک،
تاريخ تو لئہ،
تئو ۽ طوق،
سانڍي رکيو آهي!
**



## آڇ

جانم!
توکي آڇڻ لئہ،
ڪي گلابي گل
چنڊ، تارا ۽ ڪهڪشائون،
مرڪندڙ شفق جا رنگ،
باک جو نور،
سرنهن ڦولارجي پيلاڻ،
مهڪندڙ فضا،
مڌر سر،
لئہ ڀريل گيت،
سندر آبشار،
ڪي نيل ڪنول،
شهد ٻڏل ٿهڪڙا،
مصريءَ جهڙا ٻول،
۽ چانڊنيءَ جي ڀيني خوشبو،
مون وٽ نہ بچي آ........
**

# موت جي قريب

اسان جيڪي خوابن جي سهاري،
زندگيءَ جا ڏکيا بکيا
۽ هنيون ڏاريندڙ لمحا
زهر جي پيالي جيان
ڍڪ ڍڪ ڪري
نڙيءَ منجهه اوتيندا آهيون
ليڪن،
جڏهن سپنا به کسيا وڃن
۽ دل جي گلشن جا سمورا گلڙا
پيرن هيٺان چيڀاٽيا وڃن.
پوءِ ڀلا جيئڻ لئه
کهڙو سبب بچي ٿو.
هونئن به،
زندگي ڀلا ڪا گهٽ،
نا مهربان ته ڪو نه هئي.
هونئن به،
مايوسين جا ڪوهيڙا ڇڊا ته
ڪو نه ٿيا هئا.
هونئن به ناسور من اندر جا



ڇٽا ته ڪو نه هئا
هونئن به،
لڙڪ نيڻن جا سڪا ته
ڪو نه هئا
جو ويتر پوري زندگيءَ جو وڇوڙو!
هاءِ الا!!!
ان جو احساس ئي ڪيڏو نه ڀوائتو
۽ هنيانءَ ڏاريندڙ ٿو ڀاسي
جيئڻ ڪو لڱ لڱ ڪي،
ڏنپيندو هجي
جيئن دماغ جون رڳون،
ڦاٽڻ تي هجن
۽ دل جي دڙڪن،
بند ٿيڻ تي هجي،
ليڪن،
تون ڇا ڄاڻين،
او بي خبر!
ته آءٌ موت جي ڪيترو،
قريب ٿيندو پيو وڃا.......!!!
**

# خوابن جو مقتل گاهه

خوابن جي مقتل گاهه ۾،
معصوم ۽ ماڪ پنل،
گلاب جي گل جهڙا،
حسين سپنا
هڪ ئي ڌڪ سان،
قتل ڪيا وڃن ٿا،
خواب!
جيڪي غريب جي زندگيءَ جو
ڪل حاصل هوندا آهن.
خواب!
جيڪي فيڪٽريءَ ۾ (OVER TIME) ڪندڙ
مزدور جي نيڻن ۾ جڳمڳائيندا آهن.
۽ جڏهن سندس مقدس پيشانيءَ تان
پگهر ڦڙا،
ترڪندا، ٿڙندا، ٿاٻڙجندا
سندس ٿڪل ۽ اداس نيڻن ۾،
اچي ڪرندا آهن.



تہ هراسيل خواب اتان بہ،
ڪنهن اوچتي مصيبت جي احساس کان،
آويلي مهل واهيرو ڇڏيندڙ
پکين جيان،
اوچتو پڙڪو ڪائي اُڏري ويندا آهن.
آرسي سامهون رکي
پنيور زلفن مان،
چاندني چونڊيندڙ
غريب جي نياڻي،
جيڪا غربت سبب ڪڏهن بہ ٻاڙهو وڳو
اوڍي نہ سگهي،
تنهنجي نيڻن جي چائنٺ تي پهچندي ئي خواب
دم ٽوڙي ويندا آهن،
هاڻي تہ اسان جي ديس ۾،
خوابن جي فصل کي بہ،
اُلڪن جي اڏوهي ڪائي وئي آهي.
۽ ساپيائون سياهہ راتين ۾،
ڪاريون ڪري ڪُنيون ويون آهن!

**

# مرليءَ جا سر

او جوڳي!
تنهنجون اداس اکيون،
مرليءَ جا مڌر سر،
ڏکيو مسافتون طئه ڪندڙ
ٿڪل قدم،
جنهن کي ڳولهين ٿا،
سا!
ڏور ديس جي شهزادي،
پٿرن جي شهر ۾،
سماعتن کان عاري،
بي حس ماڻهن جي،
شور ۾،
بند دروازن واري محل جي،
خوبصورت ڊيڪوريٽيڊ هال ۾،
سوين نوڪرياڻين،
بي شمار جيڏين جي سٿ ۾،
تنهائيءَ جي ڀيانڪ احساس ۾ ويڙهجي،
گهٽجي گهٽجي جي رهي آ،
جتي تنهنجي مرليءَ جا سر،
ڪوٽن ۾ برجن سان،
متو ٽڪرائي،
لهو لهان ته ٿي سگهن ٿا
ليڪن اندر داخل ٿي نه ٿا سگهن.....!!!



لڙڪن جي زبان عبدالحق ساريو
www.sindhsalamat.com

# بوڪ ليٽ

سائڻ!
زندگيءَ جي بي نانءَ،
بوڪ ليٽ جو
احساس جي لال لهوءَ سان،
اڪريل،
اهڙو ورق آهين،
جو جيڪڏهن،
وقت جي ڪنهن بد نصيب لمحي ۾،
منهنجي زندگيءَ جي بوڪ ليٽ مان،
غائب ٿي وڃي ته،
يقيناً،
سموري زندگي،
پنهنجي وقعت ۽ معنيٰ
وڃائي ويهي رهي.

**



www.sindhsalamat.com

# مٺاس

سپرين!
تنهنجي نانءَ ۾،
ايڏو مٺاس آهي جو،
جڏهن بہ تنهنجو نانءَ،
چپن تي رقص ڪندو آهي
ان ويل منهنجي زبان،
ماکيءَ ۽ مصريءَ جو ذائقو،
محسوس ڪندي آهي.

**



www.sindhsalamat.com

# الوداعي ملاقات

آخري ڀيرو
جڏهن تون ملي هئينءَ تہ،
ڏاڍي بي رخيءَ سان،
تو چيو هو،
وساري ڇڏجئين.
هر اهو سون ورنو لمحو
جنهن ۾ سپنن جا گلاب،
پوکيا هئا،
گڏجي ساڀيا جا،
پوپٽ پڪڙيا هئا،
خوشبوئن جا رنگ،
وکيريا هئا،
چاهتن جا پرچم لهرايا هئا،
خوشي جا گيت ڳايا هئا،
مسرتن جا ۽ پرهہ جا ڳل چميا هئا،
۽ مون ان ويل،
توکي التجائي نگاهن سان،
چيو هيو تہ،
جنهن پل،



www.sindhsalamat.com

تنهنجي زندگي !
جُونِ جي جهولي ۾،
پڄرڻ لڳي
۽ موسمون نا مهربانين جا،
جهول پري،
توکي ٻانهن جي گهيري ۾ آٽي،
پڪوڙڻ چاهين،
محبتون ۽ چاهتون،
تو لئہ اوپرا لفظ بڻجي پون،
۽ سمورا سهارا ڪک پن،
ٽيندي ڀائئين،
ان ويل،
صرف ان ويل،
او منهنجي سانئڻ!
مون کي ياد ڪجائين،
منهنجو پيار،
منهنجي محبت،
وسندڙ بادل جيان،
تنهنجي اوسيئڙي ۾ هوندي.....!!!
**



www.sindhsalamat.com

## منهنجا نيڻ پنپور

منهنجي نيڻن جا دوار
تنهنجي دستڪ جي،
انتظار ۾،
سدائين اوجاڳيل رهيا
ليڪن،
منهنجي نيڻن جو مقدر،
پنپور جيان ڦٿل آهي
جو تنهنجي نازڪ آڱرين جي،
ڇهاءَ کي به ڪڏهن،
چمي نه سگهيا.....!!
تو پڇاڻان!
منهنجي حالت،
ان معصوم هرڻيءَ جيان،
ٿي ويئي آهي،
جنهن جون ٻئي اکيون،
سفاڪ شڪاريءَ ڪڍي،
تتل ريگستانن ۾،
ڇڏي ڏنو هجي
۽ ان کي،
دوکو ڏيڻ لاءِ ئي سهي
ليڪن،
سراب به نظر نه ايندو هجي.......!

**



www.sindhsalamat.com

## سندر ساپيان

تون!
منهنجو سپنو نه،
منهنجي سپني جي،
سندر ساپيا،
آهين.

**

## رُڪ اسٽيشن

منهنجي دل،
رڪ جي ڦٿل،
ريلوي اسٽيشن وانگر،
اجڙي ويئي آهي،
جتان،
توکان پوءِ،
ڪو به مسافر،
هڪ پل لاءِ به،
ڪو نه گذريو آهي.....!



www.sindhsalamat.com

# وقت جا سفاڪ ڪُنَ

بند مکڙي جي،
پنکڙين جيان،
گڏ هئاسين،
ليڪن اوچتو،
درياءَ جي ٻن ڪنارن جيان،
ڏور ٿي وياسين.
۽ جڏهن
مون تنهنجي گلابي چپن تي،
چميون ڏيڻ چاهيون ته
وقت جي سفاڪ ڪُنَنِ،
مون کي پائڻ شروع ڪيو.

❊❊



# روم ۽ نيرو

منهنجو مَنُ،
روم شهر جيان
جلي رهيو آهي
۽ تون
نيرو وانگر بانسري وڄائي پنهنجي محل جي دريءَ مان،
اهو منظر ڏسي
لطف اندوز ٿي رهي آهين.....!!!

❊❊

# نظر انداز

مان سورج مکيءَ جيان،
صرف ۽ صرف،
توڏانهن تڪيندو رهيس
پر تو هر دفعي،
ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي،
منهنجي وجود کي،
نظر انداز ڪري ڇڏيو!

# مصر جي بازار

منهنجي چاهت،
مصر جي بازار ۾،
سر عام نيلام ٿي ويئي،
۽،
منهنجا لڙڪ
حضرت يعقوب وانگر،
روئندي روئندي سُڪي ويا آهن.

❋❋

# لازوال گيت

زماني جي سموري نفرت،
ملي بہ،
منهنجي من مان،
تنهنجي محبت کي،
ڪپي ڪوري ڪڍي نہ سگهي
بس ازل کان،
منهنجي چپن تي،
تنهنجي چاهت جا
لازوال گيت ڀرندا ٿي رهيا آهن ....!!



# صدين جا مالڪ

تنهنجي چاهت،
منهنجي هٿ ريکائن ۾،
نہ هئي،
مون قسمت جون،
سموريون لڪيرون ڪٽي ڇڏيون،
هٿ رتورت ٿي ويا،
ليڪن،
تو ۾ ۽ مون ۾،
اجان بہ صدين جو،
فاصلو!!!

❋❋

# شڪتي ۽ مڪتي

سهڻي جيان،
وچ درياءَ ۾،
هوندي بہ،
منهنجو من پيا سوئي رهيو،
۽،
تنهنجا سپنا،
ساهس ڀڻجي،
مون کي،
ڦهري ڪنن سان،
وڙهڻ جي شڪتي،
ڏيندا رهيا
مون کي مڪتي،
تڏهن ملندي،
جڏهن،
تون ڪنڏي تان ئي سَهِي
ٻئي هٿ وڌائيندين.
**



# "Valentine Day"

مون،
توکي گل آڇيا،
تو،
موٽ ۾،
تيز چپيندڙ ڪنڊا ڏنا،
جن کي سنڀاليندي سنڀاليندي،
منهنجا هٿ،
رَتو رَت ٿي ويا.
وري جڏهن،
منهنجي هٿن مان،
رت ٽمي ڌرتيءَ تي ڪريو،
تہ اتان بہ گلابي گل ڦٽا،
ليڪن،
تو وٽان،
نفرتن جا ڪنڊا،
ختم ٿي ويجن،
تہ ڪنهن ”ويلنٽائين ڊي“ تي،
انهن گلن مان هڪ گل پٽي،
پنهنجي گهنڊيدار زلفن ۾،
ضرور سجائجانءَ،
مان سمجهندس تہ،
منهنجي محبت،
سڦلتا ماڻي ورتي.

## جاڳ ۽ ساپيا

صدين کان،
منهنجي نيٽن جي،
مقدر ۾،
جاڳ لکيل آ.
ليڪن تنهنجو سندر سپنو پسڻ،
۽ ساپيا جي تلاش ڪرڻ بہ،
منهنجو نصيب،
ٿي نہ سگهيو.
❊❊

## وڇوڙي جو درد

وڇوڙي جو درد،
موت کان بہ،
ڀيانڪ ٿيندو آ.
توکان پوءِ ئي، سمجهي سگهيم.....!!!
❊❊


www.sindhsalamat.com

## عادي زبان

منهنجي زبان،
تنهنجي نانءَ جو منتر،
چوڻ جي،
عادي ٿي ويئي آهي،
هاڻ!
جي ڪو بيو نانءُ،
وٺڻ جي ضرورت محسوس،
ٿئي ٿي تہ،
زبان تارونءَ سان،
وڃي لڳي ٿي،
۽ ڪو بيو نانءُ
مورڳو اچاري،
نہ ٿو سگهان.
❊❊


www.sindhsalamat.com

## تو بن زندگي

تنهنجي ساٿ ۾،
زندگي،
ماکيءَ لار ڪان وڌيڪ.
مٺڙي لڳندي هئي،
پر تون بن!
هاڻي زندگي ٿي لڳي
واهيات
۽ سموري بڪواس،
ڪوڙي سياستڪار جي،
ڏگهي تقرير جيان......!

❊❊



www.sindhsalamat.com


## سپنن جا ستارا

تنهنجي،
سپنن جا ستارا،
نيڻن ۾ جرڪندا ئي رهيا
اوچتو
وڇوڙو سياري ۾،
ڪوهيڙي جيان،
وڪوڙي ويو
نيڻ کليا ته،
سپنن جا مسافر پکيئڙا،
هڪ پل ۾ ئي،
اڏري ويا.

❊❊



www.sindhsalamat.com

# ڪفارو

سپرين!
توکي وسارڻ،
ڪبيرو گناهه آهي.
جنهن جو ڪفارو به،
ادا ڪري نه ٿو سگهجي.

❋❋

# سندرتا جو نور

تون،
منهنجي من جي،
ڪائنات جو
چنڊ آهين،
مون کان ڪيڏو ڏور،
پوءِ به،
تنهنجي سندرتا جو نور،
منهنجي چوڏس،
ڇانيل آهي..........!



www.sindhsalamat.com

# غرق

تون!
منهنجي دنيا جو
چنڊ آهين
مان توکي ٻنهي هٿن سان
پڪڙڻ ٿو چاهيان
ان خواهش ۾،
اڏرندي اڏرندي،
منهنجا سڀ کنڀ،
هڪ هڪ ٿي ڇڻي ٿا پون.
۽ مان اوچتو وري،
اونداهن غارن ۾،
غرق ٿي ٿو وڃان.

❋❋



www.sindhsalamat.com

## ساٽ جا پوپٽ

تنهنجي،
ساٽ جا پوپٽ،
منهنجي هٿن مان،
اوچتو اڏري ويا،
ليڪن،
تن جا سندر رنگ،
منهنجي هٿن تي،
رهجي ويا
جيڪي هاڻ!
تنهنجي ياد جي صورت ۾،
وڌيڪ چٽا ۽،
گهرا ٿيندا پيا وڃن.

❊❊



www.sindhsalamat.com

## ياد ۽ موسم

تنهنجي سندر ياد،
موسم جي پهرين،
گل جيان،
تازي،
وڻندڙ
۽ مهڪندڙ پاسندي اٿم.

❊❊

## وفا جا رابيل

جي!
تون مون تي
اعتبار ڪرين ها تہ،
مان تنهنجو دامن،
وفا جي رابيلن سان،
ڀري ڇڏيا هان.....!!!



www.sindhsalamat.com

## اعتبار جي چيچ

اي رات جي راڻي!
جي آءٌ گلاب جو گل،
ناهيان ته،
ڪندا به ناهيان
تون اعتبار جي،
چيچ پڪڙي،
جي منهنجي هم سفر ٿي ها،
ته مان وفا جي مهڪ سان
تنهنجي وجود کي،
مهڪائي ڇڏيان ها.
۽ تون اَڄُ
پتي پتي ٿي نه ڇڻي ها.

**



## سنڌوءَ جي پوڄا

سنڌو!
تنهنجي سندر مورتي ٺاهي،
گوڏا ٻيجي،
ڪنڌ جهڪائي،
نيڻ نماڻي،
ٻئي هٿ ٻڌي،
زمانن کان،
تنهنجي پوڄا ڪندو رهيس.
ليڪن خبر ئي نه پئي
ڪنهن راوڻ،
تنهنجي مورتي
مون اڳيان هٽائي ڇڏي
افسوس!
من اندر جي،
سموري سچائيءَ هوندي به،
منهنجي پوڄا،
مڪملتا ماڻي نه سگهي.

**

## دعائن جو محور

مون،
جيڪو پنهنجي مالڪ کان،
گهريو
مون کي مليو
ليڪن صرف تنهنجي آرزو،
اڻپوري رهجي ويئي،
تڏهن تہ،
تنهنجي محبت جي حاصلات ئي،
منهنجي دعائن جو،
محور رهي آهي.

❊❊


www.sindhsalamat.com

## چپن جي مَڌُ

تنهنجي،
چپن جي مَڌُ،
آب زم زم کان بہ،
مٺي لڳي،
جنهن منهنجي من اندر کي،
رقص در ويشان جيان،
جهومائي ڇڏيو.....!!!

❊❊

## جيون جي ٻيڙي

منهنجي دوستن،
مون کي چيو!
”ڇو اداس ويٺو آهين“؟
”ڪهڙو ڪنڌ جو جهاز ٻڏي ويو اٿئي“
مون انتهائي ڏک وچان وراڻيو
”نہ سپنن جا سڙهہ سڙي ويا آهن“
هاڻ!
منهنجي جيون جي ٻيڙي،
اجهو ٻڏڻ واري آهي“
ايئن چئي مان سڏڪي پيس.....!!!


www.sindhsalamat.com

## مستجاب

منهنجي،
هڪ ٻه دعا،
مستجاب ٿي نہ سگهي
يقيناً،
جي منهنجي هڪ ٻه دعا
مستجاب ٿئي ها تہ،
اڄ مان،
تنها تنها،
اداس اداس نہ هجان ها،
ڇاڪاڻ تہ هر دعا ۾،
مان سنڌ ئي تہ،
گهري آهي.....!!!

**



www.sindhsalamat.com

## طواف

تنهنجي،
هستيءَ مان،
گلاب جي گل جي،
مهڪ ايندي اٿم.
تڏهن ئي تہ،
منهنجي من جو پوڄارڻ،
تنهنجي حسين وجود،
جو طواف ڪندي
نہ ٿو ٿڪجي.....!!!

**

## سراب

تو پڇاڻان!
اميدن جي صحرا ۾،
ڪي خيابان نہ،
صرف ئي صرف،
سراب مليا......!



www.sindhsalamat.com

## جيون جي سُڏَ

تنهنجي جوڀن جي مستيءَ،
مون کي مست الست،
ڪري ڇڏيو.
هاڻ تہ پنهنجي وجود جي،
سڌ بہ وڃائي ويٺو آهيان.
سواءِ تنهنجي.......!
**

## مضطرب روح

تنهنجي ياد جون منيون،
جڏهن منهنجي روح تي،
ثبت ٿين ٿيون تہ،
صدين کان،
مضطرب روح کي،
چين اچيو وڃي ٿو.....!



www.sindhsalamat.com

## فلسطين سڏڪي رهيو آهي

اڄ وري،
محمود درويش جي شاعريءَ،
جي نيٽڻ مان،
رت گاڏڙ لڙڪ،
ٿمي رهيا آهن.
اڄ وري،
فلسطين جي ڌرتي،
وار کولي،
ڪارو ويس اوڍي،
سيني تي ڏڪ هڻي،
ماتم ڪري رهي آهي.
اڄ وري،
سرمئي آڪاش تي،
شهيدن جي لهوءَ جي،
ڳاڙهي رت جا نشان،
چٽا ٿي اڀريا آهن.
اڄ وري،
سموري ڪائنات سوڳوار آ،
اڄ وري،
تاريخ منهن مونن ۾ ڏيئي،



www.sindhsalamat.com

رڙي رهي آهي،
اڄ وري،
فضائن ۾ سڏڪا گونجيا آهن
اڄ وري،
ماءُ جي ڇاتيءَ سان،
ڇهتيل ٻارڙن،
ڇرڪ ڀري،
آزاديءَ جي آذان کي،
لبيڪ لبيڪ چيو آ،
اڄ وري،
پوڙهو پيءُ Suicide attack کانپوءِ،
ڏکندڙ هٿن سان،
پنهنجي جوان پٽ جي،
وجود جي حصن کي ڳولهي،
ڪفن ۾ گڏ ڪري رهيو آ،
اڄ وري،
ماءُ سجدي مان سِرُ ڪڍي،
پنهنجي اڪيلي سهاري جي،
جسم کي،
بارود سان سينگاري،



”آزادي يا موت“ جو،
وچن وٺي رهي آهي.
اڄ وري، محبوبائن پنهجي سپنن جي
شهزادن،
جي ڇيلهن ۾،
بم ٻڌي،
وهندڙ لڙڪن سان،
الوداع ڪيو آ،
اڄ وري،
فلسطين سڏڪيو آ،
اڄ وري،
عرفات جهريو آ
اڄ وري ”العتش العتش“ جي صدا
اڄ وري ”هَلِ مِن ناصِرِ يَنصُرِنا“
اڄ وري شام غريبان،
اڄ وري ڪربلا ڪربلا......!!
**

# ڪوڙهيل رسمون

اداس شام جي،
پڇاڙڪن لمحن ۾،
تنهنجون يادون،
تنهنجيون ڳالهيون،
تنهنجا ٽهڪڙا،
ساٿ ۾،
۽ لڙڪ ڦڙا منهنجي نيڻن ۾،
اڄ جو سڄ بہ لهي ويو
راهہ تڪيندي،
جاڳندي نيڻن سان،
سپنا اُٽيندي
ليڪن،
تون نہ آئين ڪو بادل بڻجي،
يا بهار جي پهرين جهونڪي سمان،
يا اٺي جي هير جيان،
جانم!
من اندر جو پنپور،
اجڙي ويو آهي
پر جي پنهنجي وچ ۾،
ڪو سنڌو بہ هجي ها تہ،



سهڻي جيان،
واڳن سان،
ڦهري ڪُنن سان،
جوٽڻي جوٽيان ها
۽ سسئي جيان
ڏونگر ڏاري
تو تائين سانول رَسان ها
ليڪن سماج جي،
ڪوڙهيل رسمن سبب
۽ چاهتن جي پرم خاطر،
ٿورڙي مفاصلي هوندي بہ،
تنهنجي گلاب جهڙي مک کي
پسي نہ ٿو سگهان.
تنهنجي بدن جي سرهاڻ جو
واس وٺي نہ ٿو سگهان
تنهنجي گلابي پنکڙين جهڙن چپن کي،
چمي نہ ٿو سگهان،
تو کي ڇهي،
سندر سپنن کي ساپيان،
ڏيئي نہ ٿو سگهان.
**

# لُڄَ پُڄَ

نماشا ويل
جڏهن آڪاش تي،
تنهنجي ڳلن جهڙي لالاڻ،
ڇانئجي وئي تڏهن،
ذهن جي جهروڪن تي،
تنهنجي سرهي سرهي سار،
تري آئي،
ها مان!!!
سالن پڇاڻان،
توکي چوڏهين جي چنڊ جيان،
ڪڙندي جرڪندي ۽ چمڪندي،
ڏٺو هو،
ان خوبصورت احساس،
ان وڻندڙ ويچار
منهنجي سموري وجود کي،
مس الست ڪري ڇڏيو.
۽ مون ان ويل
سموري ڪائنات کي،



رقص ڪندي،
جهومندي محسوس ڪيو هو.
۽ مان توکي ڪينجهر ڪناري،
اتر واءَ جي ڀاڪرن ۾،
پنهنجي ٻانهن تي ستل،
۽ تنهنجي،
گهنگهور گهٽائن جهڙن زلفن ۽،
چڳن کي آڱرين تي ويڙهندي،
۽ تنهنجي مکڙي جي،
ڪنول کي پنهنجي ٻڪَ ۾،
ٽڙندو محسوس ڪيو
مان تہ تصور ئي تصور ۾،
انهن سون ورنن لمحن کي،
هٿ ترين وچ ۾ پڪوڙڻ ٿي چاهيو.
لهندڙ سج جي لامن کي،
نير ۾،
ڪي ڏڳهيون سنگهرون وجهي،
روڪڻ چاهيو،
ليڪن وقت واريءَ جيان،

منهنجي آڱرين جي وٿين مان،
وهي هليو،
۽ منهنجي چوڌس،
پاتالن کان پولارن تائين،
ججو بلاڙن جهڙي ڏيچاريندڙ،
اڻ ڪٽ سانت سان گڏ،
گهاٽي ڪاري ڪوجهي،
اونداهي ڇائنجي ويئي،
۽ مان ڀيانڪ رات جي،
ساهه گُهٽيندڙ هنج ۾،
سڏڪا ڀري روئيندو رهيس
لڇندو رهيس......
پڇندو رهيس......
**



## جيون جو رولو

جيئن،
سمنڊ مان ڪو ميڙي سپون،
ڳولهي موتي،
ايئن ئي توکي ڳولهيو آ،
واچوڙي جيان وو ڙيو آ.
ڪيڏو اڪيلو ڊوڙيو ها.
اکين منجهه اوجاڳا،
تڙپن ٿا،
۽ ٿوٽ چپن تي
تنهنجو منڙو نانءُ
جڻ ٽر تي ڪو سارنگ وريو آ
ڪارونجهر جي ڪور تي
ڪو مور ٽليو آ
تو لئه،
ڪيڏو جيون روليو آ،
ڪيڏا درد ۽ سورَ سَنا هِن
آءُ،
تہ ساوڪ رت ۾ سانولا،
ڪي ٿهڪ وکيريون،
مُرڪون ميڙيون.
**

# آس نراس جي سرحد

آس نراس جي،
سرحدن وچ ۾،
تنهنجي ياد،
ڪنهن ٻالڪ جي،
گلابي چپڙن تي،
معصوم مرڪ جيان ترندي،
منهنجي سمورن احساسن کي،
ڇهندي،
جهنجهوڙيندي،
جهومندي،
۽ نچندي رهي،
۽ مان!
اماس رات جي،
پوئين پهر جي،
ماڪ ڀنل لمحن ۾،
ننڊ اکڙن ۾،
بند نيڻن ۾،
سندر سپنن جي،


www.sindhsalamat.com

ساڀيان ڳولهيندي،
سمورين سماجي اڻ برابريءَ،
وارين ديوارن کي،
برلن جي ديوار جيان،
ٽوڙڻ لئه،
سسئي جيان،
ڏونگر ڏارڻ لئه،
سگهه سهيڙيان ٿو،
سانئڻ!
تون نه هنيو هارجانءِ،
لڙڪ نه لاڙجانءِ،
پير نه پسارجانءِ،
مان وري ورندس،
ٿر جي ٿوٽ ڇاتيءَ تي،
وسندڙ
ساوڻ جي مينهن جي،
ڦرين بوند سان.....!!!
❊❊


www.sindhsalamat.com

# تو سوا مرڻ بہ ناهي وس ۾

سمنڊ ڪناري،
سپن جي بند چپن ۾،
جيئن هوندو موتي آ،
تنهنجي سڪ سپرين،
سيني ۾ ايئن سانڍي رکي آ
پوپٽ جي پرن ۾،
جيئن جرڪندي رنگت آ،
تيئن ئي رنگن پريل،
منهنجي چاهت آ،
جيئن ڪڪڙ جو،
سون ورنو سنگ آ
تيئن منا تنهنجو رنگ آ
۽ تنهنجي ئي مساڳ مهتيل
گلابي چپن ڪان،
اڌرا رنگ گلاب ڪي مليا آهن
يقيناً تنهنجي منڙي مرڪ،
چڻ رابيل جي مهڪ آ
سنڌو ڪناري،
تنهنجو ڏسي هلڻ،
وساري ويٺا مور بہ ٽلڻ



www.sindhsalamat.com

تنهنجي سونهن سانول،
لازوال آ،
جو ڏسي سو چوي،
قدرت جو ئي ڪمال آ،
تنهنجون سنڌوءَ جهڙيون،
گهريون وڏيون ننڍ اکڙيون اکيون،
تن ڪان ڪلڻ،
بند مکڙيون سکيون،
تنهنجا ڏگها ڪارا وار،
چڻ برکا رت ۾ ڪکر ڪارونيار
تنهنجو سندر سندر چهرو،
سالن پڄاڻان بہ،
نہ مون ڪان آ وسريو
موتي ڏس!
ڪيئن گذرن پيا لمحا،
آخري پساهہ نڙيءَ ۾،
ڪيئن اٽڪجي پيا آهن
تو سوا جي نہ سگهيس
تو سوا مرڻ بہ نہ آ رهيو
منهنجي وس ۾....!!!
❊❊



www.sindhsalamat.com

# جيون مُهين دڙي جو اسٽوپا

تنهنجي وڇوڙي جي،
درد آڏو،
ڪيڏو جهڪو
ڪيڏو نہ اڻ لکو لڳي ٿو،
ٻين جو غم،
آڪاش جي سيني تي،
جرڪندڙ چنڊ ۽ ستارا،
ڦهرين ڦهر جي سج جا،
مرڪندڙ ڪرڻا،
پرهہ ڦٽيءَ جو گُهلندڙ ٿڌڙي هير.
ڪوئل جون منڙيون صدائون.
ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي وکريل سونهن،
چوڏس وکريل سرنهن جي پيلاڻ پيلاڻ،
هي مرڪندڙ
جرڪندڙ مڌ ڀريون محفلون،
هي سنها سنها ٽهڪڙا،
هي هٿ ۾ هٿ ڏيئي ٽلندڙ جوانيون


www.sindhsalamat.com

چاهتن جي جذبن سان،
ڇلندڙ ڇاتيون،
جوڀن ڀريل ڪارين ڪجلين اکين جون شرارتون
۽ اهي راحتون
گلابي ڳلن تي اڪريل،
عجب چاهتن جون علامتون،
اڇن اجرن نازڪ هٿن جون ڪيچلون،
هي سون ورنيون ساعتون،
توبن ڪيڏيون ويچاريون،
ڪيڏيون اوپريون،
ڪيڏيون ٻسيون
ڪيڏيون درد ٻڏل، تڙپائيندڙ
۽ ڪيڏيون نہ عذاب ڏيندڙ پاسن ٿيون،
مان تہ!
موهن جي دڙي جي اسٽوپا جيان،
جڻ پنجن هزارن سالن کان،
تنهنجي طويل انتظار ۾،
بيٺو رهيس،


www.sindhsalamat.com

ليڪن اسٽوپا جيان،
وس وارن جي بي حسيءَ سبب،
ڇڻ پڇجي پري پيو آهيان،
۽ منهنجي پڳل ٽٽل،
موهن جي دڙي جهڙي وجود کي،
دنيا جو ڪو به،
آرڪيالوجي جو ماهر،
جان مارشل کان جان مائيڪل تائين
بچائي نه ٿو سگهي،
سواءِ توکان .... !!
❋❋


www.sindhsalamat.com

## اڪيلائين جو عذاب

مون توکان،
بس ساٿ
گهريو هو
پر تو تپندڙ صحرا ،
ساڙيندڙ لڪن کي ڏسي،
منهن موڙي ڇڏيو.
ڪاش!
تون مهربان وقت،
ٺڏڙن چانورن ،
۽ پريل بادلن جي،
اميد رکين ها
۽ مون کي،
تنها تنها نه ڇڏين ها
ته اڄ اڪيلائين جو عذاب
نه ڀوڳين ها..........!!
❋❋


www.sindhsalamat.com

## ٻاٻيهو

ڏکهي ڏڪارَ ڪانپوءِ،
جڏهن اوچتو
ٿـر جي آڪاش تي،
ڪارا ڪارا بادل وسڻ جا ويس ڪري ايندا آهن،
ڪنوڻ ڪيج ڪندي آهي،
اتر اوتون ڏيندو آهي،
۽ ڏڪاريل ڏيهه جي،
ماروئڙن جي نيڻن ۾،
خوشيءَ ۽ سک جا تاثر،
لڙڪن جي صورت ۾،
ظاهر ٿيندا آهن،
۽ جيئن ٿر جا ٻاٻيها لاتون لنوڻ لڳندا آهن
تنهنجو اچڻ مون لئه ايئن هوندو آهي...
پر جيئن،
ڪارا ڪارا بادل،


www.sindhsalamat.com

بنا وسڻ جي موٽي ويندا آهن،
ڪنوڻ جا ڪيج ختم ٿي ويندا آهن،
اتر جي اوت،
اميدن ۾ آسن ڪي،
اڏاري ويندي آهي،
ٿرين جي نيڻن ۾ لڙڪ تري ايندا آهن،
سندن ٻچن جو آئيندو،
واريءَ جي ذرڙن سان گڏ،
واچوڙن ۾
اُڏامي ويندو آهي!
ٻاٻيها ٻولي ٻولي ٻي ساها ٿي پوندا آهن!!
تنهنجو وڃڻ مون لئه،
ايئن ئي هوندو آهي....!!!
ايئن ئي هوندو آهي....!!!
**


www.sindhsalamat.com

## نئون ڪنيل ٻارِ

منهنجي ذهن جي،
اڱڻ تي،
تنهنجون يادون،
ايئن لهنديون آهن.
جيئن ڪنهن هاريءَ جي،
نئين ڪنيل ٻارِ جي،
پٽيءَ تي پاريهر ۽ ڳيرا
ولر ڪري لهندا آهن.

❊❊



## زندگي

جڏهن مون کي دوا جي ضرورت هئي،
تڏهن تو مون کي گهرا گهاءَ ڏنا.
جڏهن مون کي مسڪراهٽ گهربي هئي،
تڏهن تو رت ڳاڙهڙ لڙڪ ڏنا،
جڏهن مون کي محبت جي ضرورت هئي
تڏهن تو نفرتن جا عذاب بخشيا،
جڏهن روشني جي آس هئي
تڏهن تو تاريڪي ڏني،
جڏهن گلن جي ضرورت هئي،
تڏهن تو ڪنڊا عطا ڪيا.
جڏهن گهري ننڊ جي گهرج هئي،
تڏهن تو جڳن جي جاڳ ارپي
جڏهن آشياني جي ضرورت هئي،
تڏهن تو صدين جون ڊگهيون مسافتون بخشيون
جڏهن اڃايل هيم.
تڏهن تو سراب ڏنا.
اي زندگي!
اڃان تو وٽ مون کي ڏيڻ لاءِ ڇا ڇا آهي؟
تون ڇو ڪنهن يتيم ٻار جي آهه جيان،
۽ ڪنهن نوجوان بيواهه جي پڪار جيان،
پنهنجن سمورين نا مهربانين سان،
صدين کان منهنجو پيڇو ڪري رهي آهين....؟؟

❊❊

## چوٿين اپريل جو سِجُ

ذوالفقار!
جڳ جرڪائڻ وارو،
موتين جهڙو ماڻهو،
من هيو ڪير جهڙو اجرو جنهن جو،
ضمير ڪڏهن ستو نہ هن جو،
جهڪيو نہ هو ڪڏهن ڪنهن جابر آڏو.
لفظ سندس اُجالا هئا،
جن بدلائي ڇڏي،
ڪروڙين انسانن جي تقدير.
سندس اداس نيڻن منجهہ
بک، بيماري، ذلتن ۽ ظلمتن،
خلاف جهلڪنديون هيون،
سوين بغاوتون،
هو صدين کان پيڙهيل لوڪ لاءِ
امن، عزت، عظمت ۽ غيرت
جو اهڃاڻ هيو،
للڪار هيو،


www.sindhsalamat.com

بي ضمير وقت جي واڳن لئہ،
هو گهري رات ۾،
منصور حلاج جيان مرڪي،
سوليءَ چڙهيو.
بي وس عوام،
رت جي لڙڪن سان
پيئتا ڏني سدا هُن کي،
احتجاجن پاڻ ساڙيو،
ڦٽڪن ۽ گولين جا گهاوَ سَٺا
قيد و بند ۾ جوانيون ڳاريون
شيطانيت پوءِ بہ جٽري رهي
ڏرتيءَ تي ظلمت قابض رهي!
قوهہ جوين ۾،
معصوم شاهنواز جي نڙيءَ ۾،
زهر اوتيو ويو،
هن جي ساهن جي،
چوليءَ کي اديڙيو ويو،
فضائن ۾ چوڏس سڏڪا اُيريا،


www.sindhsalamat.com

كائنات ماتمي ويس ڍڪيو
هن جي ماءُ وري سڏڪي، رت رني،
اسان پنهنجي ميرن هٿن سان،
ٿپا هڻي،
اقتدار جي ايوانن ۾،
بي خوف بهادر بي بيءَ کي پهچائي،
سمجهيوسين تہ فتح ٿي وئي،
شهيدن جو سرخ رت،
سجايو ٿيو.
اسان پنهنجو فرض بہ پورو ڪيو
ليڪن وري بہ يزيديت،
پنهنجي بڇڙي روپ سان،
ڀوائتا ڏند ڪڍي،
رقص ڪرڻ لڳي،
بيڏوهي مرتضيٰ تي،
گولين جو مينهن وُٺو،
گلشن لٽيو،
مکڙيون رنيون،



ويران روڊ تي ڦٿڪندو رهيو،
لڇندو رهيو،
جڳ جڳ جيئڻ وارو،
لاوارثن جيان،
ساٿين سان گڏ مرڪندي شهيد ٿيو
اڄ وري،
ان ساڳي رات جي اونداهيءَ ۾،
چوٿين اپريل جو سڄ اڀريو آهي.
جيڪو اسان کا تقاضا ڪري ٿو
نئين وچن جي،
نئين آواز جي،
اچو تہ وري،
سر هٿن تي کڻي،
نئين سڄ اڀارڻ لاءِ،
ميدان ۾ ڪُڏي ڪاهي پئون
۽ ڌرتيءَ جو قرض لاهيون.
❊❊

## مسيحا

جيون ۾ ڪو
اتساهه نه هو،
اڻ ڪٿ درد،
گهاٽي ڪوهيڙي وانگي،
سموري وجود کي ويڙهي ويو رهيو.
ڏگهي سزا مليل قيديءَ جيان،
لمحو لمحو روح کي ڏنڀيندو هو.
چوڌس وکريل ڪروڌ،
اوپرائپ ۽ کهرائپ،
هر ماڻهوءَ کان ملي
جنهن منهنجي من اندر کي وڍ ڏنا.
اڪيلايون ئي ڪنهن ساٿي جيان،
سدا پنهنجي هنج ۾ پناهه ڏينديون رهيون.
صدين جي سور سيتين اکين جي سپنن کي،
چارو وڪوڙي ويو هو،
مايوسين جي اهڙي عالم ۾،
اوچتو ئي اوچتو
ڪاري رات جي هنيانءَ مان،
ڦٽندڙ باک جيان نڪري،
تنهنجي مک جو گلاب،
منهنجي نگاهن جو مرڪز بڻيو-
۽ منهنجون نگاهون


www.sindhsalamat.com

تنهنجي سندر مک جو،
طواف ڪندي نه ٿڪيون
ڏکڙا منهنجي وجود کان ڪوهين ڏور ٿي ويا هئا،
ماکيءَ ۽ مصري جهڙو تنهنجو پيار،
۽ تنهنجي نيڻن مان،
ليئا پائيندڙ پنهنجائپ
منهنجي من اندر جي زخمن لاءِ
مرهم بڻي
۽ مون پاڻ کي مڪمل ٿي ڀانيو
پر هاڻ تون وري،
ڏگهي وڇوڙي جون ڳالهيون،
ٿي ڪرين،
زندگي جيڪا ماڪ ۾،
وهنتل گلاب جيان
سهڻي لڳي هئي،
تنهن کي اجاڙڻ پئي چاهين......!
او مسيحا!
بي معنيٰ زندگي کي معنيٰ ڏيئي
پنهنجي دل جي ورقن تان،
ايئن ته نه وار.....
مون کي ائين ته نه ميسار ... !!
**


www.sindhsalamat.com

## تون

تون!
جيئن آهين،
جهڙي حال ۾ آهين.
جيڪا بہ آهين
منهنجي آهين
ڪوئي پلا پنهنجي زندگيءَ سان بہ،
نفرت ڪري سگهي ٿو ڇا؟
❋❋

## توهر جو گل

مون تہ پنهنجي ڇپن سان،
گلابي گلن کي چمڻ چاهيو،
ليڪن زندگيءَ جي،
تپندڙ صحرا ۾،
چمڻ لاءِ،
توهر جو گل بہ نہ مليو!



## روح ۾ پير

بي خواب زندگي،
ايئن آهي،
جيئن ڪوئي پيرين اگهاڙو مسافر،
هجي ۾ ان مٿان،
سِجَ نيزي پاند،
اچي ويو هجي.
۾ ان جي اکين اڳيان،
وسيع صحرا ۾،
واڪا ڪندو هجي
۽ برندڙ صحرا تي،
چڻ سندس روح ۾
پير ٽپڪندا هجن.
❋❋

## دل جي تڙپ

خبر ئي نہ پيئي منهنجو
منهنجيءَ دل تي،
اختيار ئي نہ رهيو
جڏهن مون کي ڄاڻ هئي،
تہ تون منهنجي ناهين،
مون لئہ ناهين.
پوءِ بہ تو لئہ،
دل جي ايڏي تڙپ،
ايڏو عذاب
يا خدا!
هي مون کي ڇا ٿي ويو آهي....!!!
❊❊


www.sindhsalamat.com

## وجود

تو سوا،
منهنجي زندگي،
ٻرندڙ ڏيئي جي وٽ جيان،
جلي رهي آهي،
روشني آهي تہ چوڌس
ليڪن،
منهنجي روح جي،
انتهائي گهراين ۾،
اداسيون،
نراسايون،
۽ تاريڪيون واسو
ڪري ويون آهن.
وجود آهستي آهستي جلي،
مٽجي رهيو آهيان.
❊❊


www.sindhsalamat.com

## لڪير

تون چاهين تہ،
منهنجي زندگيءَ جي،
ورق ورق کي،
پنهنجي ڪپهہ جهڙن هٿن سان،
ڦاڙي ڇڏ،
ليڪن مان پوءِ بہ،
تنهنجي پيشانيءَ تي،
اداسيءَ جي هڪ لڪير،
بڻجي ضرور اڀرندس.....!!!

❋❋


www.sindhsalamat.com

## سوچ جو محور

منهنجي سوچ،
منهنجي نظر،
ڪڏهن بہ ڀٽڪڻ نہ سکيو آهي،
ازل کان،
تون ئي منهنجي سوچ جو محور،
۽ تون ئي نگاهن جو مرڪز آهين.
سورج مکيءَ جيان،
منهنجي نظرن صرف،
توکي ئي پسڻ چاهيو...
توکي ئي چمڻ چاهيو...

❋❋


www.sindhsalamat.com

# موت

مون تنهنجي لئه،
تنهنجي راهن ۾ گلاب پوکي،
پنهنجي خوابن سان،
انهن جي آبياري ڪئي،
۽ تو نفرت جي ٿوهرن سان،
منهنجي محبت جي دامن کي،
تارِ تارِ ڪري ڇڏيو.....
❋❋

# ياد جا پير!

منهنجي دل جي اڱڻ تان،
جڏهن تنهنجي ياد جا پير،
بہ ڌهي ويندا
تہ ان ويل،
دل جي ويرانين ۾،
وڌيڪ اضافو ٿي ويندو....



# انتظار جا بادل

اتر بہ اوت لاٿي آهي،
سَرَ بہ نسري ويا آهن
ليڪن،
اڃان بہ،
انتظار جا بادل،
وچن ٿا،
گهرا ٿيندا.....

# ٽمندڙ لڙڪ

زندگي!
تو سوا،
ڪنهن خوبصورت ناريءَ جي،
گلابي چپن تي،
ٽڙندڙ مسڪراهٽ جيان،
نہ پر،
يتيم ٻار جي،
نيڻن مان،
ٽمندڙ لڙڪ وانگر آهي.....!

## ويران ۽ ٻُسي زندگي

زندگي.....!
صديون پراڻن ڪنڊرن جيان،
ويران ۽ ٻسي هئي،
ليڪن،
جڏهن تون
منهنجي زندگيءَ جي،
ويرانين ۾ پير پاتو،
تہ ڇوڙس،
چانڊاڻ ٿي وئي،
هر پاسي گلاب ٽڙي پيا،
۽ نوخيز بهارن،
منهنجي سموري وجود کي،
پاڻ ۾ جڪڙ،
سموئي ڇڏيو آهي.......!

**


www.sindhsalamat.com

## وفا جي مهڪ

اومورک!
وفا جي مهڪ،
امپورٽيڊ سينٽ ۾ ٻڌل،
خوبصورت ۽ محو رقص،
جسمن ۾ نہ ڳولهہ،
اها مهڪ تہ،
توکي ڦٽيون چونڊيندڙ،
ڪپهہ جهڙن،
هٿن ۾ ئي ملندي....!

**

## لهو لهو ٿيل احساس

زندگي!
تازي گلاب جي ڳل تي،
جرڪندڙ شبنم نہ پر،
ڪنهن ڪاري قرار ڏنل،
ڳاڙهي ڇوڪريءَ جو،
لهو لهو ٿيل احساس آهي....!


www.sindhsalamat.com

## رج ۾ رڙيون

زندگي محبوبہ جي ڳل تي،
اڪريل ڪاري تر جيان نہ آهي،
زندگي اوڙتيهين رات جي،
گهري اونداهي آهي.
جنهن ۾ سڀ رشتا ۽ رستا،
وڃائجي وڃن ٿا،
۽ ماڻهو
هميشہ هميشہ لاءِ
رج ۾ رڙيون ڪندو رهي ٿو.

**

## مرگهہ ترشنا

زندگي!
صرف مور جي ڪنين جهڙي سهڻي نہ آهي،
ليڪن،
رات جو صحرا ۾،
سرابن پٺيان ڊوڙندڙ
مرگهہ ترشنا بہ آهي.....!



## بي رخي

زندگي،
محبوبہ جي گلابي چپن تي،
رقص ڪندڙ
مسڪراهٽ نہ آهي.
ليڪن،
محبوبہ جي ساهہ ڪڍندڙ
بي رخي آهي....!

**

## زهره

تنهنجي گلابي ڳل تي تِرُ،
ايئن ٿو ڀاسي،
ڄڻ آسمان جي پيشانيءَ تي،
زهره (محبتن جي سياري) جو وجود.....!

**

## تو بنا

تون بن!
زندگي استما (دم) جي
مريضن جيان،
ٿي پئي آهي،
نہ ٿي ساهہ جي،
تندُ ٽٽي،
نہ ٿو قرار ملي.....!

# آدرشي تهذيب جي وارث سنڌ

تاريخ جي نراڙ تي،
کهنيا ويس ڍڪيل،
ڪنوار جي پيشاني تي،
تلڪ جيان جرڪندڙ
موهيندڙ ۽ آدرشي تهذيب جي،
وارث سنڌ!
روز ازل کان سندس
جڏهن کان تنهنجي سونهن،
مرڪڻ سکيو،
تڏهن کان لاشن مٿان،
گهوڙن جا سنب،
هاٿين جي پيرن هيٺان،
نڙيءَ ۾ گهٽجندڙ چيخون،
لانگ بوٽن جا ڌرتي ڌوڏيندڙ آواز،
برهماٽيءَ مٿان،
سڙيل انساني ماس جا،
بانس پريل اڏامندڙ شعلا،
نيرون ۽ ڪلاچيءَ منجهه،
ڪنهن سنڌوءَ جي مٽي تان
پوتي روڙڻ،



۽ چاتيون وڍيندڙ عذاب،
نـٽي جي چوواٽن تي،
ٽياس ٽنگيل آخوند جو لاش،
شاهه عنايت جو،
عقيدن جي اولڙي ۾ وڍيل سِرُ
پٽائي تي فتوائن،
سچل سائين تي وارن جا گهاءَ،
لڳ لڳ تي سهندي،
بي قصور ذوالفقار،
سوليءَ ٽنگيل،
معصوم شاهنواز جي نڙيءَ ۾،
اوتيل قاتل زهر،
مير مرتضيٰ جو ويران روڊ تي،
گولين سان پروڻ،
رت ۾ وهنتل،
اڌ ڪٽل ڦٽڪندڙ
سوني ورني جسم کي،
پوڙهين ٽڪل ۽ اداس،
نيٽن سان پسندي،
دکي پيٽ جا رت گاڏڙ لڙڪ،
اڇين پنبڻن ۾ لڪائيندي،

شهيد نذير عباسيءَ جي شيشن چپيل،
جهير ڏنل لاش مٿان ماتم ڪندي،
۽ معصوم راجيش جيڏن جي،
لاش مٿان سڏڪندي،
پوڙهي ماتا سنڌ لڇي ٿي
ڦٿڪي ۽ پڇي ٿي!!
سُرَتي سِرُ،
ڏيڻ وارن مان آهي ڪو،
جو ورنائي سڏ،
سسئي وانگر ڏوري ڏونگر،
مومل وانگي،
مون لئہ مرڪي چڙهي ڏاگهہ،
سهڻي وانگر سر جو سانگو لاهي،
سنڌوءَ ۾ ڪاهي،
هيمون ۽ هوشوءَ وانگي،
بچائي سنڌ!!!
پس منظر مان،
ها! ها! ها! جا آواز
۽ اپ ڏاريندڙ نعرا!
❊❊

## دل رت ۾ وهنتل آهي

جڏهن به،
شاهه ڀٽائيءَ جي ڪا وائي،
تنبوري جي تارن تي،
ڪراڙ ڪنڌيءَ تي
ڇڙي پوندي آ،
سور جي سٽ،
من اندر تي،
اڀري پوندي آ،
ڄاڻان ٿو مان!
تنهنجي ڪاڪ جي مومل ڪان به وڌ،
جيڪا معصوم سونهن آ،
سا منهنجي اجڙيل نصيب ۾،
ناهي ليڪن!!!
هي سڀاجهڙي دل
مست الست ٿو ڪئي آ
سانول!
گهڻو ريجهائڻ،
گهڻو سمجهائڻ سان به،
نه مڃيندي آ،
جڏهن ڪان،
تنهنجي سڪ جي سرهاڻ سان،
دل جي اجايل ڏرتي،


www.sindhsalamat.com

واسجي ويئي هئي،
سچ ته،
من اندر،
ماڪ ڀنل پرهه ڦٽي پئي هئي،
نصيب جي ٻاٽ اونداهين راتين ۾،
آس جي ڪا لاٽ ٻري هئي،
پر جڏهن ڪان تون،
رٺين آهين سائڻ!
چڻ نيري نيري آڪاش تي،
تنهنجي ڳلن جهڙي لالاڻ،
جهڙي شفق نه نڪري آ،
نه مرڪ چپن تي،
تري آ،
پن ڇڻ رت جا ڪلور،
۽ اداس صبحن جو
ڪوئل جي مٺڙي ڪوڪ،
نه ٻري آ،
دل!
رت ۾ وهنتل،
اڌ ڪٺل مور جيان رڙي آ،
من اندر جي مڪڙي،
ڪلڻ ڪان اڳ،
گهڻو اڳ،
مرجهائجي ويئي آ.


www.sindhsalamat.com

## آخري چٽنگ

اجهائل نيٽن ۾،
تنهنجي ملڻ جي آس،
رک جي ڍير ۾ ڍڪيل،
ڪنهن آخري چٽنگ جيان،
دکي رهي آهي،
تون نه ٿي ڄاڻين،
منهنجي چوڌس
ڏڪار جو زهر،
ڪيڏو نه پکيڙيو ويو آ،
تو بن،
ڇڻ هر لمحو،
ڪاريهر جيان ڪر ڪڍي،
منهنجي وجود جي هر حصي کي،
ڏنگي رهيو آهي.



## سوليءَ چڙهيل آدرش

ياد اٿئي!...
ڪڏهن ته،
سچ، سونهن،
۽ سرهاڻ پريا سپنا،
تنهنجا منهنجا ساڳيا هئا،
سي ڏنڏلا ٿيندا پيا وڃن،
سڀ آدرش،
سوليءَ چڙهيل،
پويان پساهه،
نڙي ۾ اٽڪيل،
پوءِ به تون ايڏو ڏورُ...!؟
**

# کائنات جي سونهن

کائنات جي سموري سونهن،
سندس گهرين وڏين اکين ۾،
سمايل هئي،
گلاب جي سموري رنگت،
هن جي چپن ۾ جهلڪي ٿي.
سانوڻيءَ جي ڪارن ڪڪرن،
جهڙي ڪاراڻ
سندس وڏن ڊگهن زلفن ۾،
لڪل هئي،
ڪوئل جهڙي مٺڙي ٻولي هن جي،
پرهه جو پيغام هئي،
جنهن جي هڪ مرڪ سان،
فطرت به،
مست الست ٿي جهومندي هئي،
هوءَ!
يڪتاري جي تارن مان ايرندڙ
شاهه سائين جي شاعريءَ



جو پڙاڏو هئي،
هن جي نوريءَ جهڙي نياز،
منهنجي وجود جي ذري ذري کي،
موهي ڇڏيو هو،
گڏ مرڻ ۽ جيئڻ جي واعدن سان،
اسان گڏجي،
آئيندي جا سُندر سپنا اُڻيا ها، ليڪن
هوءَ،
وقت جي ظالم وهڪري ۾،
موتين جهڙن اڇن اجرن،
جهرمر جهرمر لڙڪن،
۽ نڙي ۾ گهٽجندڙ سڏڪن سان،
ا_ل_و_د_ا_ع
ا_ل_و_دا_ا_ع
چئي هٿ لوڏڻ کان به اڳ،
ڪو آٿت،
ڪو ڏڍ،
ڏيڻ کان به اڳي،

مرجھايل ۽ پورا پورا من اندر،
وري ملڻ جي آس،
جرڪائڻ ڪان بہ اڳ،
ازلي درد ڏيئي،
واچوڙي جيان،
پويان ساراگس،
اڻ سونها چڏي،
وئي ايڏي ڏور هلي،
چنڊ جي چانڊوڪين،
۽ شفق جي نڪريل لالاڻ جي بہ،
پويان،
انڌلٽ جي رنگن ۾ سمائجي،
سماج جي اتاهين ڪلاس ۾،
پنهنجي سوچن جي،
بلڪل ابتڙ.

**



## سونهن راڻي

ايشوريا!
اي سونهن راڻي،
تنهنجي هڪ مسڪراهٽ،
پسڻ لاءِ،
پاڪستاني سيڙپڪار 28 لک روپيہ،
انويسٽ ڪري،
پنهنجي بزنس ڪي،
وڌيڪ چارمنگ ۽ پراڊڪٽو
بڻايو آهي،
اي ديوي!
مون وٽ،
تنهنجي هڪ پل خريدڻ لاءِ،
سواءِ اڻ پورين حسرتن،
ٽٽل اميدن،
رتوڇاڻ احساسن جي،
۽ چند گلابي گلن ڪانسواءِ،
ڪجھ بہ ناهي،

ليڪن،
يقين ڄاڻ،
جي مون وٽ ڪي،
چند ڏوڪڙ هجن هان،
تڏهن ٻہ
تنهنجي گلابي مسڪراهٽ،
خريد يان ڪو نہ ها، ڇو تہ
هوءَ جا سارا جي ماءُ،
ڇڙي ڇڙي مري رهي آهي،
مان ان کي دوا ڳنهي ڏيان ها،
۽ ها پاڙي ۾،
رمضان جو مشين ۾ هٿ اچڻ،
ڪانپوءِ،
سندس ٻچا جيڪي بڪ ڪاٽي رهيا آهن
تن لاءِ سڪ خريد ڪيان ها
هو جيڪو،
منهنجي پرسان ئي ٻارڙو،
گئريج ۾ ڪم ڪري ٿو



۽ اسڪول جي ٽائيم تي،
خوبصورت يونيفارم پهريل
ڪتابن جي ٿيلهي سان
پوپٽ جهڙن ٻارڙن کي
ڏسي روئي ٿو،
تنهن لئہ ڪتاب خريد،
ڪيان ها،
ايش!
تنهنجي سونهن،
مسحور تہ ڪري ٿي سگهي
ليڪن بک جي چڪن کي،
گهٽائي نہ ٿي سگهي،
۽ اميدن جي پراٽي چوليءَ کي،
چتيون بہ هڻي نہ ٿي سگهي !
**

# خواب

خوبصورت اکين واري ڇوڪري،
جنهن جي نيڻن ۾،
اهي سندر سپنا هئا ته،
ڪا به ناري،
ڪاري ڪري نه ماري وڃي،
نه ئي ڪا غريب نياڻي،
ستر سالن جي پوڙهي سان،
پرڻائي وڃي،
نه ڪنهن هاري جي ٻچڙن جي،
پيٽ ۾،
بک جا چڪ پون
نه ئي ڪنهن مزدور جا ٻارڙا،
ڇت کان محروم هجن
نه ئي ڪو معصوم ٻارڙو،
فيس ۽ ڪتابن نه هئڻ سبب
اسڪول مان تڙيو وڃي
نه ئي ڪو مريض



دوا جي کوٽ سبب
چڙي چڙي مري وڃي
اهي خواب،
فيوڊل لارڊ جي اکين ۾،
چڀڻ لڳا،
هڪ ڏينهن يونيورسٽي کان ورندي،
ڪيس اغوا ڪيو ويو
وڏي حويليءَ جي ڊيڪوريٽيڊ روم ۾،
سندس خوابن سان ريپ ڪيو ويو،
هوءَ لڇڻ لڳي،
تڙپڻ لڳي،
۽ رت روئڻ لڳي
ان ويل،
ڪنول جهڙا خواب،
سندس نيڻن مان،
ڦڙو ڦڙو ٿي ٽِمي رهيا هئا...!!

**

## کوه ڪاف جون پريون

ان ويل جڏهن،
باک ناز مان،
گهونگهٽ هٽائي،
ساري ڪائنات کي،
ڪرڻن جي نور سان
جرڪائي ڇڏيندي آ
۽ شبنم لاڏ مان،
مکڙي جا ڳل،
چمندي آ
۽ مکڙي خوشيءَ مان ٽڙي،
گلاب بڻجي،
ٻهڪي پوندي آ
ٺيک ان ويل سپرين
تنهنجون يادون،
ذهن جي ڪينواس تي،
ڪوهه ڪاف جي سندر پرين جيان،
پرڙا ڦڙڪائي لهنديون آهن
پوءِ آءُ سارو ڏينهن،
سرمستيءَ ۾ جهومندو رهندو آهيان....!!
**


www.sindhsalamat.com

## ناڪام حسرتون

اداس ماحول ۾،
تنهنجا ٽهڪڙا،
رابيل جي مهڪ جيان وکري،
شفق جي رنگن جيان نکري،
فضائن ۾ عجيب مستي،
ڀري ڇڏيندا هئا
ساري ڪائنات،
لوڪ ڏن تي،
ٻانهن ۾ ڪنگڻن جي ڇڻ ڇڻ،
پيرن ۾ ڇيرن جي ڇم ڇم ڪندي
رقص ڪندي،
شاهه سائين جي وائيءَ جي،
آلاپ تي،
وجد ۾ اچي جهومندي،
محسوس ٿيندي هئي،
مومل جي موهه،
سسئي جي سڪ
سهڻيءَ جي سچائي،
نوريءَ جي نياز جا اولڙا


www.sindhsalamat.com

سدا تنهنجي سندر نيڻن ۾،
جرڪندا هئا.
مون تہ ڪڏهن تنهنجي،
اداس نيڻن ۾،
ليلان جي لالچ،
ڪو نہ ڏٺي هئي
تون تہ مجسمو هئين،
پاڻ ارپڻ جو
قربانيءَ جو
مسڪراهٽن جو.
منصورن جيان
اوچتو ئي دل جي ڏرتي،
ڏڏي ويئي،
منهنجي سپنا
لاوارث لاش جيان،
ڦٽ پاٿ تي،
تڏجندي محسوس ٿيا.
جنهن ويل تنهنجي نيڻن ۾،
اوپرائپ لهي آئي
۽ منهنجي هر سوال جو


www.sindhsalamat.com

اڻپورو جواب ڏيئي هلي وئينءَ
مان تڪيندو ئي رهيس،
ناڪام حسرتن سان،
جيستائين نظر ايندي رهئينءَ،
انهيءَ ويساهہ تي،
تہ موٽي ايندينءَ،
سماج جي اڻ برابري واري،
ويڇن ڪي ميٽي،
هڪ ڀيرو ٻيهر،
ارپي ڇڏيندينءَ پاڻ
ليڪن تون نہ موٽئينءَ
مان راهہ واجهائيندو ئي رهيم
مون ڪي ان ويل
سموري ڪائنات
سمورا پهاڙ
سمورا آبشار،
سموريون موسمون،
سموريون خواهشون
پنهنجي ئي رت ۾ ٻڏل ڀاسيون.........!!!
**


www.sindhsalamat.com

## الوداعي نظم

خوابن جي
سرزمين جا، آباد آهي.
اجا ويرانن جي دنيا ۾
ڪٿي ڪٿي ٿوهرن جي چوٽيءَ تي
ڳاڙهن ڳاڳين سان
سهڻا گل ٽڙن ٿا.
من جي دامن ۾ ويراني ڇانيل آهي
ليڪن
نيڻن ۾
يادن جا ديپ ٻرن ٿا.
خوابن جي دنيا
اجا آباد آهي.
اجا بہ من آڪاس تي
ڪَتيون جڳ مڳائن ٿيون.
اجا بہ بهارن جي
ٽڏن جهوٽن تي
رات جي ٻاٽ اونداهيءَ ۾
جگنو اڏرن ٿا.
اجا بہ رابيل جي خوشبو
هوائن ۾
وارَ ڪولي مهڪي ٿي.
اجا رات جي راڻيءَ جي مهڪ
حواسن کي جنجهوڙي ٿي.



اجا فراق جا ڦٽَ
اُڪلي پون ٿا.
اجان بہ يادون پراڻيون
هنيانءَ ۾ ڇَڪُ وِجهن ٿيون.
اجا بہ المنظر وڻان
سنڌوءَ جي مست ڇولين ۾
پلي جي خوشبو
سُتل احساسن کي
ڇيچ ۾ هڻ وجهي ڇڪي ٿي.
اجا بہ سپنن جي ڌرتيءَ تي
ڳاڙها گل ٽڙي پون ٿا.
اجا بہ سونهن ڦولار جي
آهي اجا بہ
پر دردن جو درمان نہ ٿو ملي.
اجا خوف وچان
ڌوهہ ڌڪن ٿا.
اجا بہ سڌڪا نڙيءَ ۾ گهٽجي وڃن ٿا.
ليڪن خوابن جي سرزمين
اجا بہ سرسبز آهي.
اجا بہ سر سبز آهي.

**

سائين عبدالحق سارئي، هي نظم 14- فيبروري 2015ع تي صبح جو 09:00 وڳي لکيو. جڏهن تہ سنڌس وفات 15-فيبروري 2015ع تي ٿي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هي نظم سنڌس آخري "الوداعي نظم" آهي.